

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 11 مارچ 2023ع بمطابق 18 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 287

عدليا پنهنجي صفن کي درست ۽ خود احتسابي جو عمل شروع ڪري: اعظم نذير تارڙ

وفاقي ڪابينا نيب قانون ۾ ڪجهه ترميمن جي منظوري ڏني آهي، نيب قانون جي سيڪشن 4 ۽ 5 ۾ ترميم ڪئي وئي آهي

هاڻ عدالتون ئي نيب ڪيسن جو جائزو وٺي انهن کي بند ڪنديون، ڪيس لاڳاپيل جاچ ادارن ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ترميمون ڪيون ويون آهن

50 ڪروڙن کان گهٽ، اختيارن جي ناجائز استعمال وارين انڪوائرين هاڻ لاڳاپيل فورم تي وينديون، نيب چيئرمين جاچ پاڻ بند نٿو ڪري سگهي

نيب چيئرمين جي غير موجودگي ۾ ڊپٽي چيئرمين کي اختيار ڏنا ويا آهن، اڳ ۾ ڊپٽي چيئرمين قائم مقام طور سمورا اختيار استعمال نه ڪري سگهندو هو، پراسيڪيوٽر جنرل جي چونڊ تي وزيراعظم ترميمن جو ٽاسڪ ڏنو هو

جنرل (ر) فيض حمد جي ڪورٽ مارشل جي حوالي سان قانون پڙهڻ بنا ڪو بيان نٿو ڏيڻ چاهيان، جنرل فيض حميد خلاف ڪنهن اداري کي خط لکڻ جي حوالي سان علم ناهي

ڏسڻو پوندو ته اداري جي ٻاهران ڪير شڪايت ڪري سگهي ٿو يا نه. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي حلف جي پاسداري نه ڪئي ۽ اختيار اورانگهيا ته ان کي عبرت جو نشان بڻجڻ گهرجي: پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قانون بابت وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته سپريم ڪورٽ پنهنجي صفن کي درست ۽ خود احتسابي جو عمل شروع ڪري. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعظم نذير تارڙ چيو ته وفاقي ڪابينا نيب قانون ۾ ڪجهه ترميمن جي منظوري ڏني آهي، نيب قانون جي سيڪشن 4 ۽ 5 ۾ ترميم ڪئي وئي آهي، هاڻ عدالتون ئي نيب ڪيسن جو جائزو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: قانون بابت وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سرڪاري عملدار غير قانوني حڪمن تي عمل نه ڪن: شاهد خاقان

اسلام آباد: (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته سرڪاري آفيسر غير قانوني حڪمن تي عمل نه ڪن هڪ انٽرويو ۾ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو ته ماضي ۾ جيڪڏهن ڪو غلط ڪم ٿيو آهي ته ان تي سچائي ڪميشن ٺاهي سگهجي ٿي، حڪومت پلاٽي وارا ڪم ڪري رهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان بال ٺاڪري بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته سمورين سياسي جماعتن ۽ سول سوسائٽي کي ڊيجيٽل آدم شماري واري عمل تي اعتماد هجي ۽ هڪ هڪ شخص کي ڳڻيو وڃي

هر خاندان جي سربراهه کي خبر هجي ته جيڪڏهن هن پنهنجي خاندان جا 10 ماڻهو لکرايا آهن ته اهي ڊيٽا ۾ شامل هجن

بلاول ڀٽو زرداري ڊيجيٽل آدم شماري تي تحفظات جو اظهار ڪيو آهي، اهڙي طرح وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وفاقي حڪومت ۽ مختلف فورمز تي هي معاملو کنيو آهي

مئجسٽريٽ جي اختيارن تحت بيورو آف سپلائي جي آفيسرن کي شين ۾ غير ضروري اضافي ۽ هٽ ٺوڪي مهانگي ڪرڻ تي گرفتار ڪرڻ ۽ ڏنڊ وجهڻ جا اختيار حاصل هوندا

عمران خان ملڪ خلاف ڪم ڪري رهيو آهي، عمران خان معيشت سان راند ڪئي آهي، خدشا ختم نه ٿيا ته ڊيجيٽل آدم شماري جي نتيجن کي نه مڃينداسين

سنڌ حڪومت ڊيجيٽل آدم شماري تي پنهنجن خدشن بابت وفاقي حڪومت کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي: سنڌ آرڪائيوز ڪمپليڪس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڊيجيٽل آدم شماري تي پنهنجن خدشن بابت وفاقي حڪومت کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن اسان جا خدشا ختم نه ٿيا ته ڊيجيٽل آدم شماري جي نتيجن کي نه مڃينداسين. هن چيو ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته سمورين سياسي جماعتن ۽ سول سوسائٽي کي ڊيجيٽل آدم شماري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ جي اطلاعات وارو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو شرط پورو، حڪومت بجلي واهپيدارن تي اربين رپين جو واڌو بار وجهي ڇڏيو

آءِ ايم ايف جو شرط پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت بجلي واهپيدارن تي 3 رپيا 39 پئسا في يونٽ سرچارج لاڳو ڪئي

سرچارج بابت توانائي واري وزارت باضابطا طور نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

سرچارج واهپيدارن کان مارچ کان جون 2023 دوران وصول ڪئي ويندي: پڌرائي

جون 2023 تائين بجلي واهپيدارن کان تقريبن 76 ارب رپيا واڌو وصول ڪيا ويندا

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو شرط پورو ڪندي بجلي واهپيدارن تي اربين رپين جو واڌو بار وجهي ڇڏيو آءِ ايم ايف جو شرط پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت بجلي واهپيدارن تي 3 رپيا 39 پئسا في يونٽ سرچارج لاڳو ڪئي. جنهن جو توانائي واري وزارت باضابطا طور نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. پڌرائي ۽ موجب سرچارج واهپيدارن کان مارچ کان جون 2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

فيصل آباد: ن ليگ اڳواڻ مريم نواز ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهي آهي

ذاتي لاڀ پاران مغوين جي عورتن سان ميبنا لچائپ ماميري تان سنڌ جي اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي وچ ۾ اختلاف

سکر (م ڊ) ايس ايس پي تنوير تنيو زاهد مزاري کي خط لکي چيو آهي ته توهان عدالت ۾ مون سان بيان منسوب ڪندي غلط ڳالهيون ڪيون اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل زاهد مزاري جوابي خط ۾ چيو آهي ته ايس ايس پي صاحب توهان جو موقف عدالتي ريڪارڊ جو حصو آهي سنڌ ۽ ملڪ جي عظيم مفاد ۾ اسان کي پنهنجي نوڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پنجاب ۽ ڪي پي ۾ چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن جو اهم اجلاس، سيڪيورٽي صورتحال تي بريفنگ

دفاع واري وزارت، آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي جي اختيارين پاران اليڪشن ڪميشن کي سيڪيورٽي جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي

وفاقي گهرو وزارت کي هدايت ڪئي وئي آهي ته چونڊن جي انتظامن لاءِ فوج، رينجرز ۽ ٻي نفري جي حوالي سان آگاهي ڏني وڃي: اليڪشن ڪميشن

چونڊن جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي سميت حساس ادارن کان بريفنگ ورتي ويندي

اسلام آباد: (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه ۾ چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن جو اهم اجلاس جاري آهي. دفاع واري وزارت، آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي جي اختيارين پاران اليڪشن ڪميشن کي سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سکر جي عدالت مريم نواز خلاف بغاوت جو ڪيس داخل ڪرڻ واري درخواست خارج ڪري ڇڏي

ففٿ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو

مريم نواز فوج ۽ عدليه خلاف تقريرن ذريعي عوام کي بغاوت لاءِ ڀڙڪائي رهي آهي: درخواستگذار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي عدالت مريم نواز خلاف بغاوت جو ڪيس داخل ڪرڻ واري درخواست خارج ڪري ڇڏي، ففٿ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو درخواست گذار ٻي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ ڪوئيٽا جي پوليس لاهور پهچي وئي

عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ پهتل ٽيم ۾ ايس پي انويسٽيگيشن سميت 3 آفيسر شامل

عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪوئيٽا جي ڪيس ۾ حفاظتي ضمانت جي درخواست به داخل ڪري رکي

ڪراچي (م ڊ) ڪوئيٽا پوليس جي ٽيم عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ کڻي لاهور پهچي وئي، عمران خان جي گرفتاري، لاءِ پهتل ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بلوچستان هاءِ ڪورٽ عمران خان جا گرفتاري وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا

عمران خان جي وڪيلن پاران پي ٽي آءِ چيئرمين جا گرفتاري وارنٽ جاري ٿيڻ خلاف بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي

درخواست ۾ ڪوئيٽا جي بجلي روڊ ٿاڻي تي عمران خان خلاف داخل ڪيل ڪيس کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي

عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ پهتل ٽيم ۾ ايس پي نديم، ڊي ايس پي عبدالستار، سب انسپيڪٽر ۽ 2 ٻيا اهلڪار شامل

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان هاءِ ڪورٽ عمران خان جا گرفتاري وارنٽ 2 هفتن لاءِ معطل ڪري ڇڏيا. عدالت وڪيل ڌرين کي نوٽيس پڻ جاري ڪري ڇڏيا آهن عمران خان جي وڪيلن پاران پي ٽي آءِ چيئرمين جا گرفتاري وارنٽ جاري ٿيڻ خلاف اڄ بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي هئي. درخواست ۾ ڪوئيٽا جي بجلي روڊ ٿاڻي تي عمران خان خلاف داخل ڪيل ڪيس کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي، ڪوئيٽا پوليس جي ٽيم ساڳئي ڪيس ۾ عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

مريم نواز پنهنجي پيءُ نواز شريف کي قيد دوران زهر ڏيڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي

نواز شريف کي قيد دوران زهر ڏيڻ سان سندس پليٽليٽس گهٽجي ويا هئا: مريم نواز

بابا جي حالت بگڙي وئي ۽ هو زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي آيو ته ڪجهه ماڻهن جا هٿ پير سڄي ويا

ڪڏهن نه ڪڏهن اها ڳالهه سامهون اچي ويندي ته ان معاملي ۾ به عمران خان ملوث هو: انٽرويو ۾ اظهار

لاهور (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ مريم نواز پنهنجي پيءُ نواز شريف کي قيد دوران زهر ڏيڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي. هڪ انٽرويو ۾ مريم نواز چيو ته نواز شريف کي قيد دوران زهر ڏيڻ سان سندس پليٽليٽس گهٽجي ويا هئا. ان جي حالت بگڙي وئي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عدالت عمران خان کي گهرائي ٿي ته جو بهانو ڪري ٿو: مريم اورنگزيب

عمران وٽ عدالت کان بچايو تحريڪ وقت سيڪيورٽي جو مسئلو ناهي هوندو

ملڪ ۾ ٻيهر دهشتگردي جو ذميوار عمران خان آهي: سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ ٻيهر دهشتگردي جو ذميوار عمران خان آهي عمران وٽ عدالت کان بچايو تحريڪ وقت سيڪيورٽي جو مسئلو ناهي هوندو. وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نيب آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي چيف فيض حميد خلاف ريفرنس واپس وٺي ڇڏيو

ڪجهه هفتا اڳ نيب جي راولپنڊي آفيس کي فيض حميد خلاف شڪايت تي ٻڌل هڪ فائيل مليو هو: ذريعا

فائيل ۾ فيض حميد جو انڪم ٽيڪس ريڪارڊ ۽ ٻن صفحن تي ٻڌل شڪايت نامو به شامل هو

ڊي جي نيب فائيل جو جائزو وٺڻ ۽ اختيارين سان مشاورت بعد شڪايت واپس ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) نيب آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي سربراهه فيض حميد خلاف آمدني کان وڌيڪ اثاثن وارو ريفرنس واپس وٺي ڇڏيو ذريعن موجب ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آءِ ايس آءِ جو اڳوڻو چيف فيض حميد (فائيل فوٽو)

پ پ ۽ ن ليگ جا ماڻهو ٽارگيٽ ڪري تحريڪ انصاف ۾ آڻيا آهن: پرويز الاهي

ڪاٺا الله طرفان لڳندو آهي ۽ جڏهن اهو لڳي ته زندگي ختم ٿي ويندي آهي

چونڊن جا جيڪي نتيجا اچڻا آهن، اهي ماڻهو انهن کان ڊڄن ٿا

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ پرويز الاهي دعويٰ ڪئي آهي ته عمران خان جي مقبوليت ذوالفقار علي ڀٽو کان ڀيٽي آهي، لاهور ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جعلي ڊگري ڪيس: سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران شعيب شيخ کي آزاد ڪرڻ جو حڪم

توهان عائشه شيخ ڪيس ۾ جمع ڪرايل حلف نامي ۾ چيو آهي ته ايگزٽ جو ڪاروبار قانوني آهي: جسٽس عمر سيال

اهو حلفي بيان رڳو عائشه شيخ جو آهي يا سمورن جوابدارن جو آهي؟ (عدالت) اهو حلف نامو سمورن جوابدارن لاءِ آهي: جاچ آفيسر سعيد احمد

جيڪي ڳالهيون توهان هاڻي ڪري رهيا آهيو اهي اڳ ڇو نه ڪيون؟ هي ماڻهو 8 سالن کان ڪيس کي منهن ڏئي رهيا آهن: جسٽس عمر سيال

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جعلي ڊگريز واري ڪيس ۾ ايگزٽ جي سي اي او شعيب شيخ ۽ ٻين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ايف آءِ اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ايگزٽ جو سي اي او شعيب شيخ (فائيل فوٽو)

توهين عدالت جو رسڪ نه کڻنداسين: راڻا ثناءُ الله

سيني صوبن ۾ نگران حڪومت هجڻ به ضروري آهي

آئين ۾ لکيل آهي ته چونڊون هڪ ئي وقت ٿينديون: وفاقي گهرو وزير

لاهور (م ڊ) توهين عدالت جو رسڪ نه کڻنداسين. 30 اپريل تي چونڊون ٿيون ته حصو ضرور وٺنداسين. آئين ۾ لکيل آهي ته چونڊون هڪ ئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ٻٽين ساليانِي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايران ۽ سعودي عرب لاڳاپا بحال ڪرڻ ۽ سفارتخانو ٻيهر کولڻ تي اتفاق ڪري ورتو

ٻنهي ملڪن وچ ۾ معاهدي دوران باضابطا هڪ تقريب ٿي

ايران، سعودي عرب ۽ چين طرفان هڪ گڏيل بيان جاري ڪيو ويو

بيجنگ (م ڊ) ايران ۽ سعودي عرب لاڳاپا بحال ڪرڻ ۽ سفارتخانو ٻيهر کولڻ تي اتفاق ڪري ورتو چين جي تخت گاهه بيجنگ ۾ سعودي عرب، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسان لاءِ ڪنهن به آرٽسٽ جي نظر جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪم آهي: شهلا رضا

آرٽسٽ کي پنهنجي الڳ نظر هوندي آهي جنهن کي هو پنهنجي فن سان دنيا جي سامهون پيش ڪرڻ آهي

فائزه بلگرامي هڪ اپرنڊز ٽيلينٽ آهي جنهن جو شمار وڏي کان وڏن آرٽسٽن ۾ هوندو

اهڙي طرح هن ڪپڙن ذريعي ٽيڪسٽائيل تي به ڪم ڪيو آهي جيڪو پڻ ساراهه جوڳو آهي: نمائش دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا چيو آهي ته فائزه بلگرامي هڪ نوجوان اپرنڊز ٽيلينٽ آهي جنهن جي حوصلا افزائي جي سخت ضرورت آهي. هن چيو ته مونکي جڏهن هن نمائش جو دعوت نامو حاصل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ حڪومت طرفان هائي رسڪ ضلعن ۾ سومر کان پوليو مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

خاص مهم ۾ 16 ضلعن ۾ 56 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويندا: عذرا پيچوهو

پوليو مهم لاءِ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي 100 سيڪڙو حاصل ڪيو وڃي، ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

والدين پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪن ۽ 5 سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارين: صحت کاتي واري صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو آهي ته سنڌ ۾ پوليو مهم وڏي سٺي طريقي سان جاري آهي ۽ گذريل اڍائي سالن کان پوليو جو ڪوئي ڪيس سامهون ناهي آيو. هن اها ڳالهه سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حڪومت پاران غريبن کي رمضان دوران روزمره شين تي سبسڊي ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (م ڊ) ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته غريب طبقي کي گيهه تي 100 رپيا، اٽي تي 52 رپيا، کنڊ تي 30 رپيا، اٽي جي 10 ڪلو ٿيلهي تي 400 رپيا، گيهه تي 300 رپيا ۽ کنڊ تي 70 رپيا سبسڊي ملندي. ذريعن موجب عام صارفين کي اٽي تي 27 رپيا في ڪلو کنڊ تي 11 رپيا ۽ گيهه تي 25 رپيا سبسڊي ملندي. 10 ڪلو اٽو 648 رپيا، گيهه 490 رپيا ۽ کنڊ 89 رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو پوليو بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهي آهي

سعودي عرب جي شهزادي لاڏاڻو ڪري وئي

شهزادي الجواهره جي جنازي نماز رياض جي امام ترڪي مسجد ۾ ادا ڪئي وئي

جنازي نماز ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان به شرڪت ڪئي

سعودي عرب (م ڊ) سعودي عرب جي باني شاهه عبدالعزيز جي ڌيءُ، شهزادي الجواهره لاڏاڻو ڪري وئي آهي، شهزادي الجواهره جي جنازي نماز رياض جي امام ترڪي مسجد ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان به شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار سول ايوي ايشن بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ سون سستو ٿيڻ باوجود پاڪستان ۾ مهانگو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ اڄ واڌ ٿي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب في تولو سون 400 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 97 هزار 700 رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 343 رپيا وڌڻ ڪانپوءِ هڪ لک 69 هزار 496 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 23 ڊالر گهٽجڻ سان 1819 ڊالر في اونس آهي.

ڪراچي: عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير سيده شهلا رضا تقريب دوران خطاب ڪري رهي آهي

پرچونڊي پيرن ۾ پلاٽ جي مالڪي تان هلندڙ تڪرار جو جرڳو

گادي نشين عبدالخالق ۽ سندس ويڳن پائرن وچ ۾ ميان نظر محمد ۽ ٻين جي سربراهي ۾ جرڳو ٿيو

گادي نشين عبدالخالق مٿان ويڳن پائرن تي پوليس وٺي اچڻ ۽ گهر جي پٽ ڊاهڻ جو ڏوهه ثابت ٿيو، جنهن بعد 6 لک ڏنڊ جي فتويٰ ٻڌائي وئي

ڏهرڪي (رپورٽر) پرچونڊي پيرن وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان هلندڙ تڪرار جو جرڳو ٿيو آهي. جنهن دوران مجموعي طور 11 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو آهي گادي نشين عبدالخالق ۽ سندس ويڳن پائرن وچ ۾ ميان نظر محمد ۽ ٻين جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايس يو پي جو پيدل مارچ ٽنڊو محمد خان مان بلڙي شاهه ڪريم ڏانهن روانو

مارچ ۾ شامل قافلن کي گلن جي ورکا سان ٽنڊو محمد خان مان الوداع ڪيو ويو

پيدل مارچ 19 تاريخ تي ڪراچي پهچندو ته ڪرپٽ حڪمرانن جو راڄ ختم ٿي ويندو: روشن برڙو

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو پيدل مارچ ٽنڊو محمد خان مان بلڙي شاهه ڪريم ڏانهن روانو ٿي ويو آهي مارچ ۾ شامل قافلن کي گلن جي ورکا سان ٽنڊو محمد خان مان الوداع ڪيو ويو روشن برڙو، امير آزاد پنهور، جگديش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سينئر صحافي طاهر نجمي لاڏاڻو ڪري ويو

سينئر صحافي طاهر نجمي ڪافي عرصي کان بيمار هو

هن مختلف ادارن ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون

ڪراچي (م ڊ) سينئر صحافي ۽ مقامي اخبار جو ايڊيٽر طاهر نجمي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو خاندان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سينئر صحافي طاهر نجمي

شرجيل انعام ميمڻ جو طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي اظهار تعزيت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ سماءَ واري سيڪريٽري پاران طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي تعزيت اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان روزنامه ايڪسپريس جي ايڊيٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ ۾ ڌار ڌار روڊ حادثن دوران ٻن سڳن ڀائرن سميت 7 ڄڻا فوت، 6 زخمي

سي آءِ اي سينٽر وٽ ٽرڪ ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ 2 سڳا ڀائر فوت ٿي ويا

فوتين جي سڃاڻپ ميرپورخاص واسي محمد قيوم ۽ سندس ڀاءُ نعيم طور ٿي

ڄامشورو ويجهو انڊس هاءِ وي تي اڻڄاتل گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ڏيري ۽ ڀاڄائي فوت ٿي ويا

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ ڌار ڌار روڊ حادثن دوران ٻن سڳن ڀائرن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا. نينگر سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

انٽر بئنڪ ۾ رپئي جي مقابلي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي

ڪراچي (م ڊ) انٽر بئنڪ ۾ رپئي جي مقابلي ۾ ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو رجحان ڏٺو پيو وڃي ڪاروبار انٽر بئنڪ ايڪسچينج مارڪيٽ ۾ ڪاروبار دوران ڊالر جي قيمت ۾ اضافو ٿيو ۽ ڪاروبار بند ٿيڻ تي ڊالر 3 رپيا 18 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

فنڊ جي گهٽتائي جي ڪري: ڊائريڪٽوريٽ اينيمل بريڊنگ سنڌ

ڪري غيرملڪي نسل جي جانورن ڪوئي به خريداري نه ڪئي وئي آهي

ميڊيا تي هلايل خبرون بي بنياد ۽ ڪوڙ تي ٻڌل آهن ان جو حقيقتن سان ڪوئي واسطو نه آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽوريٽ آف اينيمل بريڊنگ سنڌ حيدرآباد پاران غيرملڪي نسل جي جانورن جي خريداري ۾ قانونن ۽ ضابطن جي خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسپين ۾ 25 سالن تائين گهر جو ڪم ڪرڻ تي زال کي معاوضو ڏيڻ جو حڪم

ميڊرڊ (م ڊ) اسپين ۾ 25 سالن تائين گهر جو ڪم ڪرڻ تي زال کي معاوضو ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته مڙس پنهنجي اڳوڻي زال کي 2 لک 18 هزار ڊالر ادا ڪرڻ جو پابند هوندو: عدالتي فيصلو عورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ سرڪار تعليمي بورڊن جا امتحان ٿرڊ پارٽي ذريعي ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

امتحانن ۾ رشوت عيوض مارڪن ۾ واڌ ۽ رزلٽ تبديل ٿيڻ واري اسڪينڊل بعد حڪومت اهڙو فيصلو ڪيو

يونيورسٽيز اينڊ بورڊ کاتي پاران نائين کان 12 تائين امتحان ٿرڊ پارٽي ذريعي ڪرائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد ۽ سکر جي تعليمي بورڊ کي خط لکيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امتحانن ۾ رشوت عيوض مارڪن ۾ واڌ ۽ رزلٽ تبديل ٿيڻ واري اسڪينڊل بعد حڪومت وڏو فيصلو ڪيو آهي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

برلن: هٿيارٻندن جي چرچ تي فائرنگ ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

فائرنگ جو واقعو گراسبرسٽل ۾ پيش آيو جتي هٿيارٻندن چرچ ۾ موجود ماڻهن تي فائرنگ ڪئي

جوابدارن جي فرار ٿيڻ بابت ڪا به ڄاڻ ناهي، مارجي ويلن ۾ هٿيارٻند به شامل ٿي سگهي ٿو: پوليس

برلن (م ڊ) جرمني جي شهر هيمبرگ ۾ چرچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي خبررساں اداري موجب هيمبرگ پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نوشهروفيروز ۾ رمضان دوران ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن جي مقرري جي حوالي سان اجلاس

ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي آفيس ۾ گڏجاڻي ۾ واپاري تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي

سيني کي گهرجي ته غريب عوام کي عام استعمال جون شيون مناسب اگهه تي فراهم ڪريون: ڊي سي

نيلامي جي عمل کي به روزاني جي بنياد تي مانيٽر ڪري ۽ رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائي

نوشهروفيروز (بيوروروپورٽ منظور ملڪ) رمضان المبارڪ دوران ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن جي مقرري ۽ ناجائز منافعي ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ لاءِ انتظامن جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جي آفيس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

خدا آباد پرسان ڳوٺ پرڳڙي پنهور گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ شاگردن تي تشدد

گوڙ ڪرڻ تان علائقي جي بااثر جو ٻن شاگردن تي اسڪول اندر تشدد ڪرڻ تي احتجاج

منهنجي پٽن اويس ۽ رحمان سومرو مٿان شاهنواز پنهور سخت تشدد ڪيو آهي: رمضان سومرو

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان يوسي مراد آباد ۾ واقع ڳوٺ پرڳڙي پنهور جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم ٻن شاگردن مٿان مقامي ڳوٺاڻي جو وحشياڻو تشدد اسڪولي شاگرد اويس پٽ لار شبير سومرو، عبدالرحمان پٽ محمد رمضان سومرو تي تشدد ڪندڙ ڳوٺاڻي شاهنواز عرف پوڙهو پنهور پنهور ان وقت معصوم شاگردن کي پنهنجي تشدد جو نشانو بنايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪرمپور پوليس ٿاڻي جي حد مانداڻي چوڪي وٽ قتل ٿيل غلام حسين جعفري جي وارثن جو احتجاج

مهينو اڳ پوليس هٿان بيگناهه گولين جو کاڄ بڻجي شهيد ٿيل غلام حسين جعفري جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

محمد جمن جعفري گل حسن جعفري شاهه بيگ جعفري محمد عظيم جعفري ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

جيڪڏهن وزير مير شبير علي بجاراڻي سچائي ڏيکاري ته قاتل هڪ ڪلاڪ اندر لاڪپ ۾ هوندا: مظاهرين

ڪنڊ ڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) ڪرمپور پوليس ٿاڻي جي حد مانداڻي چوڪي وٽ هڪ مهينو اڳ پوليس هٿان بيگناهه گولين جو کاڄ بڻجي شهيد ٿيل غلام حسين جعفري جي وارثن سان انصاف نه ٿيو وارثن مرحوم مير هزار خان بجاراڻي جي موهي پٽ صوبائي وزير مير شبير علي خان کي ميارون ڏيندي چيو ته ڪاش اڄ مير صاحب زنده هجي اڄ اسان جي شهيد جي قاتلن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

احتجاج
غلام حسين جعفري جي
قاتلن کي گرفتار ڪيو
ڪنڊ ڪوٽ: قتل ٿيل غلام حسين جعفري جي وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڊجيٽل آدمشماري خلاف ڪراچي ۾ احتجاجي مظاهرو

پارٽي جي وائيس چيئرمين گلزار احمد سومرو وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي ڊاڪٽر سومار منگريو جي شرڪت

ڊاڪٽر احمد نوناري خيرمحمد مگسي حيات ٽيو عاشق ٿهيم غلام علي بليدي مبارڪ پيٽي ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ

هاڻي سنڌ کان سنڌ جي حق حاڪميت کسڻ جي لاءِ وري سازشي آدمشماري ڪرائي پئي وڃي: اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڊجيٽل آدمشماري خلاف ڪراچي پريس ڪلب اڳيان شروع ڪيل احتجاجي ڪئمپ ستين ڏينهن به جاري رهي احتجاجي ڪئمپ تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي وائيس چيئرمين گلزار احمد سومرو وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي ڊاڪٽر سومار منگريو قادر چنو ڊاڪٽر احمد نوناري خيرمحمد مگسي حيات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول انتظاميه جي خلاف شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

شاگردن جا فارم بحال نه ٿيڻ توڙي ڪورٽ جي حڪم تحت فيس واپس نه ڪرڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

شاگردن کان فيس واپسي ملڻ جو وڊيو بيان ڏياريو ويو، ڇا هي اسڪول انتظاميه جو عمل درست چئبو: ذريعا

مطلب ته اسڪول انتظاميه ڊائريڪٽر، ڊي اي او ۽ ٽي اي او جي حڪمن کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو آهي: شاگرد اڳواڻ

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول انتظاميه جي خلاف شاگردن جا فارم بحال نه ٿيڻ توڙي ڪورٽ جي حڪم تحت فيس واپس نه ڪرڻ خلاف شاگردن، والدين ۽ سڄاڻ ڌرين پاران اڄ اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي ٻه ڌار ڌار روڊ حادثا، پانديئڙن سميت 30 کان وڌيڪ زخمي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو، قومي شاهراهه تي ٻه ڌار ڌار روڊ حادثا، قلندر جي پانديئڙن سميت 30 کان وڌيڪ زخمي، حسرا ايمبولينس ذريعي زخمي اسپتال منتقل خبر موجب ڪنڊيارو قومي شاهراهه تي ٻن روڊ حادثن ۾ 30 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا گذريل رات دير سان قومي شاهراهه تي ڊروڊا اسٽاپ ويجهو پنجاب مان سيوهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سلطانپور: گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول انتظاميه جي خلاف شاگرد احتجاج ڪندي

ڪوسڪي شهر ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ هلندڙ منشيات جو احتجاج

منشيات ۽ چورين جي آزار خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

احتجاج ۾ تعلقي ٽنڊي باگي جو صدر لڪانو عمراڻي نائب صدر ميان خان ڪوسو جنرل سيڪريٽري جي شرڪت

منشيات ۽ چورين ذريعي ڪک پتي مان ڪروڙ پتي ٿيندڙ پوليس عملدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪوسڪي شهر ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ پوليس جي سرپرستي هيٺ هلندڙ منشيات ۽ چورين جي آزار خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن جو شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو خبر موجب ته ڪوسڪي شهر ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار عام ۽ چورين جي آزار خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪوسڪي شهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي سرجاني ۽ نئين ڪراچي جي علائقن خميسا ڳوٺ سميت ٻين علائقن ۾ بدامني

لال شهباز قلندر ڪالوني سرجاني جي يوسف ڳوٺ عبدالرحيم ڳوٺ، صديق ڳوٺ ۾ بدامني جو راڪاس

عبدالرحيم ڳوٺ واسين انڊس پريس ڪلب ڪراچي آڏو احتجاج ڪيو ۽ بدامني خلاف شديد نعريبازي ڪئي

چور ڪپڙن ڌوئڻ ۽ سلائيءَ وارين مشينن، روڪ رقم ۽ ٻئي قيمتي سامان چور چوري ڪري ڀڄي وڃن ٿا: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سرجاني ۽ نئين ڪراچي جي علائقن خميسا ڳوٺ، ابراهيم ڳوٺ لال شهباز قلندر ڪالوني سرجاني جي يوسف ڳوٺ عبدالرحيم ڳوٺ، صديق ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ بدامني وڌي وئي، رهواسي ڏينهن ڏٺي جو ڦرجڻ لڳا ۽ پوليس امن قائم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي عبدالرحيم ڳوٺ واسين انڊس پريس ڪلب ڪراچي آڏو احتجاج ڪيو ۽ بدامني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گهوڙاٻاري يوسي گليل لڳ ڳوٺ عرس سونپار جو رهواسي نينگر بيماري ۾ مبتلا

گهوڙاٻاري (رپورٽر) خدا جي مخلوق جي مدد ڪريو خدا تعاليٰ توهان جي مدد ڪندو، خلق خدا جي مدد ڪرڻ به عبادت جو حصو آهي جو جو الله تعاليٰ جي مخلوق کي سڪون ڏيڻ وارو ڪڏهن بي سڪون نه ٿيندو هن ننڍڙي ٻاتوي ماڻهون جي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ۽ سرندي وارن کان علاج ڪرائڻ لاءِ مدد جي اپيل. گهوڙاٻاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول ۾ فلاحي تنظيم پاران پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان سان سيمينار منعقد

سنڌ ته وڌندي سنڌ جي اعنوان سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو

ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر سجاول ۽ ٺٽو عبدالقادر پالاري، پيارعلي خواجه، ڪريم بخش زنئور شريڪ

پ ٽ الف سٽي جو صدر محمد عمر ميمڻ، نجيب سرويچ، لطف الله ميمڻ ۽ ٻين پاران خطاب ڪيو ويو

سجاول (رپورٽ ممتازعلي ٿهڙيو) سجاول ۾ تعليم کاتي جي تعاون سان فلاحي تنظيم پاران پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان سان سيمينار منعقد ڪيو ويو سجاول ۾ تعليم کاتي جي تعاون سان سماجي تنظيم يوسيف طرفان پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي اعنوان سان گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر سجاول ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ڪراچي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب سڙي زخمي ٿيل دڙي واسڻ ناري فوت

جمشيد روڊ واري ۾ 20 ڏينهن اڳ رڌ پچاءُ دوران سلينڊر ڌماڪي سان ڦاٽي پيو هو

60 سيڪڙو جسم سڙي وڃڻ ڪري ڪيس سول اسپتال ڪراچي جي برنس وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڪراچي ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب سڙي زخمي ٿيل دڙي واسڻ شادي شده ناري فوت، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو خبر موجب ڪراچي جي جمشيد روڊ واري علائقي ۾ 20 ڏينهن اڳ گهر اندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻن پاران ٺٽي جو دورو، پارٽي صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون

سنڌ اسيمبلي ۾ پي ٽي آئي جي پارلياماني ليڊر خرم شيرزمان، ڊاڪٽر عمران شاهه ۽ ٻين دورو ڪيو

نااهل حڪمرانن ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي، عوام سخت پريشان آهي: خرم شيرزمان

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻن ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ پي ٽي آئي جي پارلياماني ليڊر خرم شير زمان، پي ٽي آءِ ايم پي اي ڊاڪٽر عمران شاهه ۽ ايم پي اي سنجي گنگواڻي ٺٽي جي دوري تي ٻهتا دوري دوران پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو: تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻن پاران ٺٽي جو دورو ڪندي

بدين شهر م رولو ڪتن جو آزار، ڪيترائي شهري ڪتن جي چڪن سبب زخمي

صاف پاڻي صفائي روشني سميت ٻيون بنيادي سهولتون ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي

ڪتن جو آزار به ختم نه ڪري سگهي جنهن جي هر وارڊ ۾ ڪتن جا وڪر هلي رهيا آهن: شهري

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين شهر م رولو ڪتن جو آزار ڪيترائي شهري ڪتن جي چڪن سبب زخمي تفصيل موجب ميونسپل ڪميٽي بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان جي ربڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ هارين جي هاريي واري حق نه ملڻ خلاف احتجاج

سپريڊنٽ خلاف هارين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪندي انصاف لاءِ پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ ڏيئي ڇڏيو

هاري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ محمد اسلم خاصخيلي، محمد خاصخيلي، مير حسن سليو احتجاج ڪيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ربڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ هارين جي هاريي واري حق نه ملڻ تي فارم جي سپريڊنٽ خلاف هارين احتجاجي تحريڪ جو اعلان ڪندي انصاف لاءِ پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ ڏيئي ڇڏيو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

غوثپور ۾ پوليس اهلڪار جي مبينه زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن دين محمد ميراڻي سندس زال ۽ ٻين دانهيندي احتجاجي مظاهرو ڪيو

عبيدالله ميراڻي گهر اندر داخل ٿي تشدد ڪئي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيئي هليو ويو: الزام

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۾ پوليس اهلڪار جي مبينه زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب ۾ احتجاج ماڻهن جي منهن تي پٽسا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور: پوليس اهلڪار جي مبينه زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ايس يو پي جو پيادل سنڌ مارچ قافلو ٽنڊو محمد خان کان ٻلڙي ڏانهن روانو، ڪارڪنن جو جهمريون

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سکر کان ڪراچي ڏانهن سنڌ مارچ پيادل قافلو سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاج

آبادڪاري سان گڏ سمورن سنڌ جي خلاف منصوبن تي پيادل مارچ ڪندي ٽنڊو محمد خان مان ٻلڙي ڏانهن اڳتي روانو

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) سکر کان ڪراچي ڏانهن ايس يو پي جو پيادل سنڌ مارچ قافلو ٽنڊو محمد خان کان ٻلڙي ڏانهن روانو. شاندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽي ۾ پروسر ڪالوني جي بااثر زميندار حاجي لعل خان بلوچ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪالوني جي غريب هارين محمد عرس ماڇريو ۽ علي محمد ماڇريو احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثر اسان کي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي اسان جا هاريپ جا ادائي لک روپيه هڙپ ڪري ريو: مظاهرين

ٺٽو (جاويد ميمڻ) پروسر ڪالوني جي بااثر زميندار حاجي لعل خان بلوچ خلاف غريب هارين جون دانهون غلام الله لڳ پروسر ڪالوني جي غريب هارين محمد عرس ماڇريو ۽ علي محمد ماڇريو پريس ڪلب غلام الله ۾ صحافين آڏو دانهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽو: پروسر ڪالوني جي بااثر زميندار حاجي لعل خان بلوچ خلاف احتجاج ڪندي

دادو ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ريلوي ڪالوني ۽ باگڙي ڪالوني ۾ تڪرار

سرڪاري پلاٽ تي زنئور برادري ۽ باگڙي برادري وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو آهي

جهيڙي ۾ ڌرين ۾ ڏنڊن جو آزادانه استعمال ٿيڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ماڻهو زخمي ٿي پيا

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ريلوي ڪالوني ۽ ريلوي لائين پرسان آباد ٿيل باگڙي ڪالوني ۾ سرڪاري پلاٽ تي زنئور برادري ۽ باگڙي برادري وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو. ڌرين ۾ ڏنڊن جو آزادانه استعمال ٿيڻ سبب ٻنهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ گڏجاڻي

يوٽيلائيزيشن ڪميٽي پاران 74 لک جي پنج اسڪيمن جي منظوري ڏني وئي

لينگويج/اِي لائبريري بوائز هاءِ اسڪول ٽنڊو غلام علي لاءِ فرنيچر ۽ ٻيو سامان ڏنو ويندو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ تيل ڪمپني يو اِي پي جي سهڪار سان سوشل ويلفيئر فنڊ جي مد ۾ يوٽيلائيزيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان اجلاس جي صدارت ڪندي

نوشهروفيروز جي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر ڪاشف علي ميمڻ پاران اجتماعي شادي جي تقريب

نرجس بتول ۽ ٻين تازو 27 غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب منعقد ڪئي وئي

ڳرا خرچ ڪري رسمن طور ٿين ٿيون جن کي ختم ڪري اسلامي طور طريقي سان ڪرڻ گهرجن: اڳواڻ

خادم حسيني مولانا غلام شبير ترابي مولانا مرتضي حسين مولانا اشفاق حسين ۽ ٻين شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز جي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر ڪاشف علي ميمڻ، اصغريه پاڪستان جي ضلعي صدر سيده فروا ڪاظمي سماجي ورڪر سيده نرجس بتول ۽ ٻين تازو 27 غريب ۽ مستحق جوڙن جي اجتماعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: سماجي اڳواڻ اجتماعي شادين کان پوءِ خيالن جو اظهار ڪندي

ٽنڊو باگو جي مير غلام محمد ڊگري ڪاليج ۾ نشي کان بچائو جي حوالي سان سيمينار

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۽ نشي جي پوندڙ اثرن بابت هڪ سيمينار ٿيو

اسان جي حڪومت جي نااهلي سبب منشيات عام ٿيندي پئي وڃي: پروفيسر معاذ رستماڻي

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) ٽنڊو باگو جي مير غلام محمد ڊگري ڪاليج ۾ نشي کان بچائو جي حوالي سان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۽ نشي جي پوندڙ اثرن بابت هڪ سيمينار ٿيو، جنهن ۾ ڪاليج جي سوين شاگردن شاگردياڻين سميت استاد ۽ ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي، جتي خطاب ڪندي پروفيسر معاذ رستماڻي چيو ت اسان جي حڪومت جي نااهلي سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙي ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، 150 رپيا في ڪلو مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو

مهانگائي پورهيت طبقي کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو، وچولي طبقي جي ماڻهن جا لاهه ڪڍي ڇڏيا

شهر ۾ منافع خورن ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙ واپارين اڳ چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن، اختياريون خاموش تماشائي

اٽي جي قيمتن ۾ اضافي سبب پورهيت طبقي لاءِ هڪ وقت جي ماني به مشڪل ٿي وئي آهي: ساجاهه وند

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، اٽي جو اڳ 140 کان 150 رپيا في ڪلو مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو، دڙو ۾ وڌندڙ مهانگائي پورهيت طبقي کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي. سڄي ملڪ جيان سجاول ضلعي جي شهر دڙو ۾ به مهانگائي چوٽ چڙهيل آهي. مهانگائي جي طوفان غريبن سميت وچولي طبقي جي ماڻهن جا لاهه ڪڍي ڇڏيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو: اٽي سميت ٻين شين جا اگهه چوٽ چڙهڻ خلاف سياسي سماجي اڳواڻ پنهنجا ويندي

ٽنڊو محمد خان ضلعي جي مختلف تعلقن جي ننڍن وڏن شهرن ۾ منشيات جو وڪرو عروج

موريا ٿاڻي جي حد سميت ستر موري ۽ پرپاسي جي علائقن ڳوٺن ۾ منشيات عام ٿي وئي آهي

پوليس کي منشيات فروشن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف ترت قانوني ڪاروائي ڪرڻ گهرجي

حالات پڻ خراب ٿيندي نظر اچي رهيا آهن جنهن سان مقامي خوف واري زندگي گذاري رهيا آهن

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ضلعي جي مختلف تعلقن جي ننڍن وڏن شهرن ۾ هر قسم جي زهريلي منشيات جو وڪرو عروج تي پهتل موريا ٿاڻي جي حد سميت ستر موري ۽ پرپاسي جي علائقن ڳوٺن ۾ منشيات چرس، پنگ، آفيم، مين پڙي، گٽڪي جو ڪاروبار صنعت اختيار ڪرڻ لڳو پوليس لکئين رپيا منٿلي عيوض منشيات فروشن سان ٻٽ ٻٽيل ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز امداد صديقي پاران برساتي پاڻي جي نيڪال جو جائزو

ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز شاهزيب شيخ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار شاهه ۽ ٻين دورو ڪيو

ڊائريڪٽر آپريشنز برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام سميت برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام جو جائزو ورتو

۽ خيرپور ضلعن جي ٻوڏ وارن علائقن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڊيزل ۽ مشينري فراهم ڪئي وئي آهي: ڊائريڪٽر آپريشنز

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز امداد صديقي، ڊپٽي ڪمشنر نوشهرو فيروز شاهزيب شيخ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار شاهه، اسسٽنٽ ڪمشنر احسان الله، ايف جي آر ايف جي ضلعي سپروائيزر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

AWAZ
ANN NEWS
STN NEWS
نوشهروفيروز: پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز امداد صديقي پاران برساتي پاڻي جي نيڪال جو جائزو ورتو

مٽياري لڳ پليجاڻي علائقي ڳوٺ لال خان ٻاٽي جو سينئر آرٽسٽ ملهه پهلوان بيمار

مٽياري (رپورٽر) مٽياري لڳ پليجاڻي علائقي ڳوٺ لال خان ٻاٽي جو سينئر آرٽسٽ اڳوڻو ملهه پهلوان بيماري بستري تي اسپتال ۾ داخل ثقافت کاتي کان سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ مطالبو خبرموجب مٽياري لڳ پليجاڻي جي علائقي ڳوٺ لال خان ٻاٽي جو رهواسي سينئر آرٽسٽ ملهه پهلوان رياض ٻاٽي ٻن مهينن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو پاران مڪلي قبرستان ۾ تدفين تي لڳايل پابندي خلاف نهراءُ منظور

ميتن جي تدفين تي لڳايل پابندي، انڪار ڪندڙ شهرين تي ڪيس داخل ڪرڻ بابت نهراءُ منظور ڪيو ويو

وڪيلن گڏيل طور تي قرار داد منظور ڪندي انصاف لاءِ اعلي اختيارين کي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

مڪلي قبرستان ۾ مقامي آبادين جي تدفين بحال ڪري شهرين سان ناانصافي روڪي وڃي: سيد اعزاز حسين شاهه

ٺٽو(ٻ) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو پاران سنڌ حڪومت طرفان تاريخي مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن جي ميتن جي تدفين تي لڳايل پابندي، انڪار ڪندڙ مقامي شهرين تي ڪيس داخل ڪرڻ ۽ ايشيا جي وڏي قبرستان جي ايراضين تي ٿيندڙ قبضن، اڏاوتن تي شديد حيرت ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ٺٽي جي وڪيلن گڏيل طور تي قرار داد منظور ڪندي انصاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازم ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار آهن: خادم حسين مستوئي

حڪومت پاران مطالبن کي مڃڻ باوجود نوٽيفڪيشن نه ڏيڻ مسئلن ڪان ڪن لاٿار ڪرڻ برابر آهي

هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ جا سرواڻ پنهنجي مخلص ڪردار وسيلي جاکوڙ ڪندا رهندا

هتي پيراميڊڪس جا حُر موجود آهن جيڪي پنهنجي جائز مطالبن لاءِ جاکوڙي رهيا آهن: اجلاس دوران ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر خادم حسين مستوئي چيو آهي ته صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازم ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار آهن ۽ سنڌ حڪومت پاران انهن جي مطالبن کي مڃڻ باوجود نوٽيفڪيشن نه ڏيڻ مسئلن ڪان ڪن لاٿار ڪرڻ برابر آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن سول اسپتال نوشهرو فيروز ۾ يونٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز: خادم حسين مستوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٺري ميرواهه پرسان هنديباري ۾ گندگي جو آزار ختم نه ٿيو، احتجاجي مظاهرو

ٺري ميرواهه (رپورٽر) ٺري ميرواهه پرسان هنديباري ۾ گندگي جو آزار ختم نه ٿيو، گٽرن ۽ نالين جو گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ لڳو، هنديباري ڊرينيج سسٽم ناڪارا جي ڪري انتظاميه خلاف علائقي واسين جو احتجاج، هنديباري شهر جي اڪثر علائقن ۾ گندگي جو آزار برقرار آهي جڏهن ته هنديباري شهر جي ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سيتا روڊ ۾ 48 هين ڏينهن به روهڙي، لاڙڪاڻو دادو، ڪوٽڙي ريلوي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

ڳاڏيون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڄٿهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رهيو

مشهور ميمڻ، محمد شريف جانوري، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، غلام مرتضي سومرو شريڪ ٿيا

ڳٺ جوڙ ڪري عوام کي مسافر ريل ڳاڏين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکيو ويو آهي: مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) روهڙي، لاڙڪاڻو، دادو، ڪوٽڙي لائين تي 8 مهينن کان بند پيل ٽرينون بحال ڪرائڻ لاءِ سيتا سرڄٿهار فورم پاران مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 48هين ڏينهن سيتا روڊ رحماني ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ مشهور ميمڻ، شهزاد ميمڻ، فدا حسين ملڪ، قربان علي چنا، احسان الاهي سومرو، سردار علي چانڊيو، حماد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 11 مارچ 2023ع

منفي سياست جو ’ڪنسنٽريشن ڪئمپ‘ ۽ ويچارو عوام

اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ جيڪا سياست مروج آهي، ان ۾ اختلاف راءِ جو مطلب سياسي دشمني ورتو وڃي ٿو. ان سياسي دشمنيءَ جا لقاءَ اليڪشن واري مند ۾ هر هنڌ نظر اچن ٿا. جنهن ملڪ ۾ اليڪشن به جنگ وانگر وڙهي وڃي، اتي ڪهڙي سهپ ۽ درگذر جو مظاهرو ٿيندو؟ اهڙوئي لقاءَ گذريل ڏينهن جمهوريت جي دعويدار حڪومت ۾ لاهور ۾ وقوع پذير ٿيو جيڪو نه ٿيڻ گهرجي ها. پي ٽي آءِ طرفان "آئين ۽ عدليه سان يڪجهتي" طور نڪتل ريليءَ ۾ شريڪ ٿيندڙن جي پوليس سان ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ ڪيترائي ڪارڪن زخمي ٿي پيا. هڪ ڪارڪن جي مارجي وڃڻ جون خبرون ميڊيا تي رپورٽ ٿي رهيون آهن. ٻن ڊي ايس پيز سميت 11 پوليس اهلڪار به ڪارڪنن سان ڇڪرين ۾ ڦٽجي پيا آهن. پوليس لاهور ۾ قلم 144 جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي ريليءَ جي رستي روڪ ڪئي، نتيجي ۾ ڪارڪنن سان ٽڪراءُ ٿي پيو. بعد ۾ پي ٽي آءِ قيادت ريلي ملتوي ڪري ڇڏي. لهواري لوڪ ۾ اسين اوپارا آهيون. توڙي جو اسان وٽ لغت ۽ اصطلاح اهي ساڳيا آهن، جيڪي باقي دنيا ۾ استعمال ٿين ٿا، پر انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم اسان جو پنهنجو ۽ جڳ کان نرالو آهي. اهڙا ئي اصطلاح اسان وٽ 'سياست' ۽ 'جمهوريت' جا پڻ آهن. هتي ڏوهه سياست جي چڱي استعمال ڪندو رهيو آهي. آمريت کي "عام رعيت" جي نالي سان منسوب ڪري ان کي جمهوريت جي ٻهروپ ۾ آندو ويو آهي. اسان وٽ بي لباس آمريت ڪڏهن ٽيلرڊ ڊيموڪريسي ته وري ڪڏهن ڪنٽرولڊ ڊيموڪريسي جي نالي ۾ مروج رهي آهي. اهو به هن ملڪ جو هڪ وڏو الميو چئجي ته هتي اليڪشن واري جمهوري عمل جي نتيجي ۾ سوڀ حاصل ڪندڙ جماعت/جماعتن کي اقتدار ته منتقل ٿيندو آهي پر اختيار منتقل ٿي نه سگهندا آهن. چونڊيل حڪومت کي به اختيار جي مختلف محورن ۽ مرڪزن تان هلايو ويندو آهي. مخالف ڌر جي مرضيءَ جي 'مَيي' جي مهار به ٻين هٿن ۾ هوندي آهي. ائين دنگل جاري رهندو آهي. عوام کي 'نان اِشوز' ۾ الجهائي مصروف رکيو ويندو آهي ته انهن جو ڌيان حقيقي مسئلن ڏانهن نه وڃي. ائين هميشه کان ٿيندو پيو اچي. "بندوق بولاخان جي، ڪلهو ڪانڌيري جو". اهڙين حالتن ۾ ائين ئي ٿيندو. جيئن گذريل ڏينهن لاهور ۾ ٿيو. اختيار جي مختلف محورن ۽ مرڪزن جي ڇڪتاڻ ۾ پوڳين وري به عوام ۽ عام ڪارڪن ٿا. سياست کي بدنام ڪرڻ ۽ ان کان ماڻهن کي متنفر ڪرڻ لاءِ هتي سياست جي نالي ۾ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهه، سواءِ سياست جي. عوام لاءِ سياست کي 'ڪنسنٽريشن ڪئمپ' بڻايو ويو آهي. حقيقي جمهوريت ۾ ليڊر اڳيان ۽ ڪارڪن پويان هوندا آهن پر هتي معاملو ان جي ابتڙ آهي. ڪارڪنن کي جيل ڀرڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ ليڊر پاڻ ضمانتون ڪرائڻ ۾ مصروف آهن. ٻي طرف انتظاميا به معاملافهمي ۽ انتظامي تدبر جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. گهرو معاملن جي اختيارن جا بيان ائين ٿا اچن، ڄڻ اهي تختِ طائوس جا والي هجن! اهڙي بالادست ذهنيت جي نتيجي ۾ ائين ته اوس ٿيڻو هو. انتظاميا کي آخر اهڙي ڪهڙي ايمرجنسي هئي، جو قلم 144 جو نفاذ ڪيو ويو؟ ٻي طرف پي ٽي آءِ قيادت کي ڇا اها خبر ڪا نه هئي ته قلم 144 لڳل آهي، ۽ ان جي ڀڃڪڙيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟ ٽڪراءَ جي واٽ وٺڻ ڪنهن جي به فائدي ۾ ڪونهي.

اسان حڪومت توڙي مخالف ڌر جي سياسي ڌرين کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته، سهپ ۽ تدبر جو مظاهرو ڪيو وڃي. ملڪ کي سياسي آکاڙي ۾ تبديل ڪرڻ جا نتيجا هاڃيڪار ٿي سگهن ٿا. سياست ۾ تشدد جي ڪا به گنجائش ڪانهي. لاهور ۾ ٿيل واقعي جي اعليٰ سطحي اڻ ڌري جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. هاڻي جڏهن پنجاب ۾ اليڪشن جي تاريخ اچي وئي آهي، چونڊ شيڊيول پڌرو ڪيو ويو آهي، ان وقت ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ چونڊن جو انعقاد پرامن ماحول ۾ ممڪن بڻائڻ جي ضرورت آهي. اهو نه صرف هن ملڪ لاءِ پر سمورين ڌرين لاءِ بهتر آهي.

* * *

بقايا 01

ولي انهن کي بند ڪندين. ڪيس لاڳاپيل جاچ ادارن ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ترميمون ڪيون ويون آهن هن چيو ته 50 ڪروڙن کان گهٽ. اختيارن جي ناجائز استعمال وارين انڪوائرين هاڻ لاڳاپيل فورم تي وينديون. نيب چيئرمين جاچ پاڻ بند نٿو ڪري سگهي، عدالت ذريعي ئي جاچ بند ٿي سگهي ٿي. احتساب عدالت هاڻ فيصلو ڪندي ته ڪيس بند ٿيڻو آهي يا ٻي عدالت وڃڻو آهي، سندس چوڻ هو ته نيب چيئرمين جي غير موجودگي ۾ ڊپٽي چيئرمين کي اختيار ڏنا ويا آهن. اڳ ۾ ڊپٽي چيئرمين قائم مقام طور سمورا اختيار استعمال نه ڪري سگهندو هو. پراسيڪيوٽر جنرل جي چوڻ تي وزيراعظم ترميمن جو ٽاسڪ ڏنو هو هڪ سوال جي جواب ۾ وفاقي وزير چيو ته جنرل (ر) فيض حمد جي ڪورٽ مارشل جي حوالي سان قانون پڙهڻ بنا ڪو بيان نٿو ڏيڻ چاهيان. جنرل فيض حميد خلاف ڪنهن اداري کي خط لکڻ جي حوالي سان علم ناهي. ڏسڻو پوندو ته اداري جي ٻاهران ڪير شڪايت ڪري سگهي ٿو يا نه. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي حلف جي پاسداري نه ڪئي ۽ اختيار اورانگهيا ته ان کي عبرت جو نشان بڻجڻ گهرجي.اعظم نذير تارڙ وڌيڪ چيو ته عدليا پنهنجي صفن کي درست ڪري ۽ خود احتسابي جو عمل شروع ڪري، مون کي همت ناهي ته نالو ڪڍان. اڄ عدالت ۾ 15 معزز جج ويٺا آهن. اداري کان سوال آهي ته پنهنجي صفن ۾ ڏسي ته ٻن ٽن ججن تي ئي تنقيد ڇو ٿيندي آهي، باقي تي ناهي ٿيندي.

بقايا 02

آهي. وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪيون پيا ته عوام کي رليف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 03

واري عمل تي اعتماد هجي ۽ هڪ هڪ شخص کي ڳڻيو وڃي، هر خاندان جي سربراهه کي خبر هجي ته جيڪڏهن هن پنهنجي خاندان جا 10 ماڻهو لکرايا آهن ته اهي ڊيٽا ۾ شامل هجن. هن چيو ته ڊيجيٽل آدم شماري جو ڊيٽا سنڌ حڪومت سان گڏ پڻ شيئر ڪيو وڃي. هن چيو ته ڊيجيٽل آدم شماري ۾ غيرقانوني طور رهڻ وارن سميت سمورن ماڻهن کي ڳڻيو وڃي ته جيئن درست انگ اکر سامهون اچن ته سنڌ ۾ ڪيترا ماڻهو رهن ٿا ۽ اهي ڪيترا وسيلا استعمال ڪن ٿا . اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ آرڪائيوز ڪمپليڪس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڊيجيٽل آدم شماري تي تحفظات جو اظهار ڪيو آهي، اهڙي طرح وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پڻ وفاقي حڪومت ۽ مختلف فورمز تي هي معاملو کنيو آهي. هن چيو ته وفاقي حڪومت سان ڊيجيٽل آدم شماري تي زوم اجلاس ٿيو آهي، جنهن ۾ منصوبا بندي بابت وفاقي وزيراحسن اقبال پڻ موجود هئا، ڪين سنڌ حڪومت جي تحفظات جي بابت آگاهه ڪري ڇڏيو آهي اسان کي وفاق جي جواب جو انتظار آهي ته جيئن ڪو ابهام نه رهي. صوبائي وزير اطلاعات چيو ته ڪالهه سنڌ ڪابينا جو 8 ڪلاڪ ڊگهو اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا. سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عوام کي وڌ کان وڌ رليف پهچايو وڃي، هن چيو ته سنڌ حڪومت اڳ ئي پنهنجا خرچ گهٽائي ڇڏيا آهن. هن چيو ته روزانو واهپي جي شين جي اگهن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ بيورو آف سپلائي اينڊ پرائسز کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هن چيو ته مئجسٽريٽ جي اختيارن تحت بيورو آف سپلائي جي آفيسرن کي شين ۾ غير ضروري اضافي ۽ هٿ ٺوڪي مهانگي ڪرڻ تي گرفتار ڪرڻ ۽ ڏنڊ وجهڻ جا اختيار حاصل هوندا. جيڪڏهن غير ضروري طور تي ڪوئي به قيمتون وڌائيندو ته ان جي خلاف ڪارروائي ٿيندي. صوبائي وزير چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ غريب علائقن ۾ بچت بازارون لڳايون وينديون. هن چيو ته پنجاب ۽ بلوچستان جي بارڊر تي ڪچي جي علائقن ۾ ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو آهي، هي گڏيل آپريشن پنجاب پوليس، بلوچستان پوليس، رينجرز جي مدد سان ڪيو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي پاڪستان آرمي جون پڻ خدمتون حاصل ڪيون وينديون. هن چيو ته ڌاڙيلن وٽ خطرناڪ ۽ جديد هٿيار آهن. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت پوليس کي جديد هٿيار سان ليس ڪرڻ لاءِ فنڊز جي منظوري ڏني آهي ته جيئن هو ڌاڙيلن سان مقابلو ڪري سگهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران خان ڪنهن ماڻهو. سياسي جماعت يا اداري جي خلاف ناهي وڙهي رهيو. عمران خان سازشن ۾ مصروف آهي ته پاڪستان کي ڪيئن نقصان پهنچائي . هن چيو ته عمران خان ملڪ خلاف ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته عمران خان معيشت سان راند ڪئي آهي. جڏهن موجوده حڪومت آئي ايم ايف سان معاهدن تي عملدرآمد لاءِ رابطو ڪيو ته عمران خان ۽ ان جي جماعت جي صوبائي حڪومتن جي وزيرن آئي ايم ايف کي پاڪستان جي مدد نه ڪرڻ جا پيغام ڏنا. پرڏيهي پاڪستانين کي پاڪستان رقمون موڪلڻ کان روڪيو ويو ته جيئن پاڪستان ديواليا ٿي وڃي. هن چيو ته عمران خان پاڪستان کي ڊفالٽ ڏانهن ڌڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان عدليا کي ڌمڪايو. عدالتن تي چڙهائي ڪئي ته جيئن ان جي خلاف فيصلا نه اچن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان جو خواب آهي ته ملڪ جو ڊان بڻجي وڃي ، سمورا ادارا ان جي ڪنٽرول ۾ هجن. هو ٻال ٺاڪري بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. صوبائي وزيرچيو ته عمران خان جي شڪل ۽ ڪرتوت ٻال ٺاڪري جهڙا ئي آهن. صوبائي وزيرچيو ته عمران خان وٽ ڏنڊا بردار فورس آهي، اڄ به جڏهن بلوچستان پوليس زمان پارڪ پهتي ته ڏنڊا بردار فورس متحرڪ نظر آئي. هن چيو ته عمران خان کي بدنام زمانا دهشتگرد تنظيمن جي حمايت حاصل آهي. هن چيو ته سياسي ورڪر جي حيثيت ۾ لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪن جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيان ٿو. هن چيو ته عمران خان لاشن تي سياست ڪري رهيو آهي . ان جو مقصد آهي ته وڌيڪ لاش ڪرن. جنهن ڪڏهن ڪنهن جي جنازي ۾ شرڪت ناهي ڪئي اهو لاهور ۾ فوت ٿيڻ واري ڪارڪن جي لاءِ مختلف شهرن ۾ پنهنجي پارٽي کي غائبانا جنازا نماز پڙهائڻ جون هدايتون ڏئي رهيو آهي . هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته چور نمبر ون، منافق نمبر ون ۽ ڌاڙيل نمبر ون کي صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو جيڪا ملڪ سان وڏي زيادتي آهي. هن چيو ته ثاقب نثار غيرقانوني ۽ غيرآئيني ڪمن جي سينچري مڪمل ڪئي ۽ ان جي خلاف جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس موڪليو وڃي. هن چيو ته ثاقب نثار منهنجي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪري مان جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هڪ سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير چيو ته اقليتن کي پاڪستان ۾ مڪمل آزادي حاصل آهي. ڪراچي يونيورسٽي جي واقعي جي ڀرپور مذمت ڪيون ٿا. سنڌ حڪومت شاگردن کي هولي ملهائڻ کان روڪڻ جي واقعي جو نوٽس ورتو آهي. معاملي جي تحقيقات جاري آهن

پاڪستان جو سياسي معاشي بحران ۽ عالمي برادري

مسرور شاهه

پاڪستان جي موجوده صورتحال کي هڪ انگريزي ناول "Perfect storm" جو عنوان ڏجي ته بهتر رهندو. پرفيڪٽ اسٽارم جو مطلب اهڙو طوفانن جو سلسلو آهي، جتي گهڻا بحران هڪ ئي وقت ٿين. هن وقت جيڪڏهن پاڪستان جي رياستي معاشي سياسي سفارتي ۽ آئيني بحران جو جائزو وٺجي ته اسان کي اهڙو طوفان ئي نظر اچي ٿو معاشي محاذ تي پاڪستان کي ڊفالٽ جو خطرو آهي. جتي جون 2023ع تائين پاڪستان کي 11 ارب ڊالر ٻاهرين ادائگين يعني قرضن ۽ امپورٽ لاءِ گهرجن. جڏهن ته هن وقت پاڪستان وٽ ٽي ارب ڊالر جا ذخيره مس آهن ۽ آئي ايم ايف جي 1.3 ارب ڊالرن جي قسط اڃان ناهي ملي رهي. آئي ايم ايف پاڪستان تي پئسي جو قدر مارڪيٽ ريٽ تي آڻڻ، بجلي، تيل ۽ ٻين شين تي گراٽيڪس لڳائڻ ۽ 17 کان 22 گريڊ جي آفيسرن ۽ عملدارن جا اثاثا پبلڪ ڪرڻ سان گڏ هڪ نئون شرط لڳائي ڇڏيو آهي. مٿيان شرط پاڪستان پاران ڪنهن حد تائين پورا ڪرڻ کانپوءِ آئي ايم ايف گهر ڪئي آهي ته پاڪستان اتحادي ملڪن سعودي، چين آمريڪا، يو اي اي ۽ مالياتي ادارن جهڙوڪ ورلڊ بينڪ کان گارنٽي وٺي ڏئي ته جيڪڏهن آئي ايم ايف قرض ڏئي ته پوءِ ڇا اهي ملڪ به پئسا ڏيندا؟ ڇاڪاڻ ته پاڪستان ڊفالٽ کان هڪ ئي صورت ۾ بچي سگهي ٿو ته اهي سڀ ڏٿي پئسا ڏين! جيڪڏهن جون 2023ع تائين پاڪستان کي 11 ارب ڊالر ملي وڃن ته نئين مالياتي سال يعني جون 2023 کان 2024ع تائين پاڪستان کي 36 ارب ڊالر ڊفالٽ کان بچڻ لاءِ گهرجن. ان ڪري عالمي ريٽنگ جي اقتصادي اداري موڊيز پاڪستان کي تاريخ جي بدترين معاشي سطح caa3 تي آڻي ڇڏيو آهي. جيڪو ڊفالٽ کان هڪ ڏاڪو پري آهي. هن وقت ئي جڏهن ڊالر جو قدر 280 روپين کان وڌيڪ ۽ مهانگائي جي شرح 40 سيڪڙو آهي. جنهن ڪري سماجي انارڪي پيدا ٿي رهي آهي ته ڊفالٽ جي صورت ۾ شديد انتشار جو خطرو آهي. ٻيو پاسو رياستي ادارن ۽ حڪمران طبقن ۾ رساڪشي ۽ ورهاست آهي، جنهن جي ڪري گذريل سال کان اقتدار جي مرڪز پنجاب ۾ ڪا به حڪومت ٽڪندي نظر نٿي اچي. عمران خان گذريل سال کان ادارن اندر ڪجهه حلقن جي حمايت ذريعي پي ڊي ايم حڪومت کي هڪ ڏينهن به سڪون سان نه هلڻ ڏنو آهي. حڪمران طبقو مختلف ڌڙن ۾ ورهائجي ٻڏندڙ ٻيڙي ۾ پنهنجا پنهنجا مفاد بچائڻ ۾ پورو آهي. ٽيون وڏو بحران بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي ۽ عليحدگي پسند لهر جو آهي. جنهن جو سڌو تعلق افغانستان سان آهي. جنهن افغانستان ۽ فرنٽيئر صوبن کي پاڪستاني اسٽيبلشمنٽ backyard ۽ Strategic depth سمجهندي هئي. اهي هاڻ Frontyard يعني پارٽ کان وڌيڪ سخت ٿي پاڪستان تي حملا آور ٿي رهيا آهن. ڇا اهو پنجاهه سالن کان منهبي پراجيڪٽ مڙهي افغانستان تائين اسٽريٽجڪ ڊيپٿ جي پاليسي جي ناڪامي ناهي؟ سڀ کان اهم پاڪستان جي عالمي سفارتي تنهائي آهي. جنهن جي ڪري ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ پاڪستان سان آمريڪا ۽ اولهه ۽ انهن جا ادارا بلڪل به سڌي منهن سان ناهن ڳالهائي رهيا. ڏکڻ ايشيا ۽ پاڪستان جي معاملن تي مهارت رکندڙ مشهور آمريڪي مفڪر ۽ پاڪستان ڏانهن مثبت راءِ رکندڙ مائيڪل ڪرگيلمين لکيو آهي: "دنيا ۾ پهريان اهو خيال هو ته پنجون نمبر وڏي آبادي رکندڙ ۽ ڇهون نمبر ايٽمي طاقت رکندڙ ملڪ کي عالمي ڪميونٽي ائين آسانيءَ سان عدم استحڪام ڏانهن نه وڃڻ ڏيندي پر هن وقت دنيا اندر اهو خيال پنهنجي اهميت وڃائي رهيو آهي ۽ جيڪي ان خيال جا ماڻهو آهن. انهن کي مايوسي ٿي رهي آهي. هن وقت جڏهن پاڪستان ڊفالٽ جي ويجهو آهي، ڏکي ۽ فيصلاڪُن صورتحال ۾ آهي، اتي دنيا هاڻ تڪڙو مدد لاءِ ڪانه لهي ايندي".

پر عالمي طور خاص ڪري آمريڪي آرڊر جو پاڪستان ڏانهن ائين رويو ڇو آهي؟ ڇا واقعي پاڪستان ۾ معاشي سياسي بحران ۽ امڪاني انتشار ۾ ڪا به دلچسپي دنيا جي ناهي يا ٻيو ڪو ايجنڊا آهي؟ اها نه حقيقت آهي ته پاڪستان گذريل 75 سالن کان اهڙي رياست رهي آهي، جنهن جي هجڻ جو جواز ۽ سندس معاشي عسڪري اوسران بنياد ئي هئي ته هو آمريڪا ۽ اتحادين کي پنهنجي جاگرافي ۽ اصلوڪي قومن جا وسيلا گروي رکي ايڊ ۽ قرض وٺي پوءِ هاڻ ڇا ٿيو آهي؟

هن وقت آمريڪا جي "دهشتگردي مخالف جنگ" جو باب بند ٿي چڪو آهي ۽ چين ۽ اتحادين خلاف ٻي سرد جنگ جو اڻ علائيل آغاز ٿي چڪو آهي. ان صورتحال ۾ ٽي خطا انتهائي اهم آهن. هڪڙي پاسي يورپ ۽ روس آهي. آمريڪا ناٽو جي اوڀر طرف ڦهلاءُ ۽ يوڪرين جي فوجي امداد ذريعي روس کي اڪسائي انکي جنگ ۾ لاٿو جيئن روس يوڪرين سان جنگ ڪئي ته آمريڪا ٻيهر پوري يورپ کي پنهنجي سربراهي ۽ ناٽو فوجي اتحاد جي اڳوائي ۾ متحد ڪري ويو آهي ۽ يوڪرين کي اربين ڊالرن جا هٿيار ڏئي يوڪرين جنگ کي هڪ طويل جنگ ۾ تبديل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ روس لاءِ يوڪرين کي افغانستان ٺاهي ۽ مٿان گهرين معاشي پابندين مڙهي روس کي هڪ مستقل ڪاپاري ڌڪ هڻڻ چاهي ٿو. جنهن سان روس هڪ ڊمي رياست ٿي وڃي ۽ چين هڪ اهم ساٿيءَ کان محروم ٿي وڃي.

ايشيا پئسيفڪ يا هند پئسيفڪ ۾ آمريڪا ڪواڊ وسيلي چين جو گهيرو ڪيو آهي. پئسيفڪ ۾ جتي جاپان ۽ آسٽريليا آمريڪا جا اهم اتحادي آهن، اتي ايسٽ ايشيا جي ٻين ننڍين رياستن کي به آمريڪا پنهنجي پاسي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان سموري هند- پئسيفڪ خطي ۾ هندستان آمريڪا جو اهم اتحادي آهي، جيڪو هندي سمنڊ جي آرڊ گرد خطي ۾ چين کي منهن ڏيندو. هن وقت آمريڪا تائيوان معاملي تي چين کي اڪسائي هند- پئسيفڪ ۾ نئين جنگ جو معاملو ٺاهي رهيو آهي ۽ تائيوان کي چين جو يوڪرين ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جنهن تي چين جي نائب وزير خارجا اهو واضح ڪيو آهي ته آمريڪا "ناٽو جي اوڀر طرف ڦهلاءُ ۽ روسي گهيري" واري پاليسي ايشيا پئسيفڪ ۾ ڪاپي پيسٽ ڪري رهيو آهي، جنهن سان پوري عالم جي استحڪام لاءِ سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا.

ٽيون اهم خطو يوريشيا ۽ ان ۾ افغانستان پاڪستان جو معاملو آهي. يوريشيا جي خطي کي مختلف انداز ۾ بيان ڪيو ويندو آهي پر هتي يوريشيا مان منهنجي مراد وچ ايشيا جون رياستون، افغانستان، پاڪستان، انڊيا جو اتر اولهه، ايران ۽ ايراني نار آهي. اهو خطو چين جي اولهه ۾ واقع آهي. جديد ڪالونيلزم کان پهريان هزارن سالن کان چين سلڪ روڊ جي ذريعي پنهنجي اولهه ۾ واقع ملڪن سان معاشي لين دين ۽ نتيجي ۾ يوريشين طاقت رهيو آهي ۽ ساڳي وقت اهو خطو چين لاءِ خطرن جو به سبب رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته چين جي اولهه وارن علائقن جهڙوڪ زنجيانگ ۽ وچ ايشيا ۾ هاڻ چيني نسل بجاءِ ترڪ نسل جا ماڻهو آباد آهن. جيڪي پاڻ کي چيني ناهن سڏرائيندا. جديد دور ۾ يورپي طاقتن جڏهن ڪاروبار ۽ فوج لاءِ سامونڊي رستا آباد ڪيا ته چين جي اوڀر ۽ ڏکڻ ۾ سامراجي ملڪ جهڙوڪ برطانيا ،جاپان، آمريڪا اچي ويٺا ۽ اوڀر ۽ ڏکڻ چيني سمنڊ تي مڪمل اولهه جو قبضو رهيو. جيڪو اڄ تائين آمريڪا فوجي آرڪيٽيڪچر جي هڪ هٿي ۾ آهي. ڪالونيلزم جي دور جي اچڻ سان ئي چين هڪ نيم ڪالوني ٿي ويو. جنهن کي چين جي آفيشل تاريخ ۾ "هڪ صدي جي تذليل" چيو ويندو آهي. جنهن جو خاتمو چيني انقلاب سان ٿيو (پهرين آفيمي جنگ ۽ چيني انقلاب جي وچ ۾ سئو سالن جو عرصو آهي).

اڄ جڏهن چين معاشي فوجي ۽ سفارتي طاقت طور اڀري رهيو آهي ته هو اوڀر ۽ ڏکڻ چيني سمنڊ يعني ايشيا پئسيفڪ ۾ آمريڪي يعني اولهه جي فوجي آرڪيٽيڪچر کي صرف چئلينج ناهي ڪري رهيو (جنهن سبب هن سرد جنگ جو مرڪز هند پئسيفڪ يا ايشيا پئسيفڪ آهي) پر ان جنگ کي کٽڻ لاءِ ۽ هڪ سپرپاور لاءِ لازمي لينڊ ماس/اسٽريٽجڪ ڊيپٿ کي حاصل ڪرڻ لاءِ يوريشيا ڏانهن وڌي رهيو آهي. ان کي چين نئون سلڪ روڊ چئي رهيو آهي. بيلٽ ۽ روڊ جي ميگا منصوبي جا گهڻا منصوبا يوريشيا ۾ آهن. پاڪستان ۽ ايران جي سامونڊي بندرگاهن ۽ وچ ايشيا جي لينڊ ڪاريڊور ذريعي چين هڪ وڏي خطي کي پنهنجي اسٽريٽجڪ ڊيپٿ ٺاهڻ چاهي ٿو. جنهن سان نه صرف چين کي هڪ اهم مارڪيٽ ملندو پر فوجي موجودگي به ملندي. چين پهريان به هندي سمنڊ ۾ موجود آهي پر پاڪستان ۽ ايران جي بندرگاهن سان ان جي پوزيشن هندي سمنڊ ۾ اڃان مضبوط ٿي ويندي.

يوريشيا اهو خطو آهي جنهن ۾ آمريڪا افغان جنگ کانپوءِ سڌي طرح پنهنجي موجودگي کي گهٽائي ڇڏيو آهي. افغانستان ۾ آمريڪا جي غير مشروط انخلاءِ جو بنيادي سبب ئي اهو هو ته آمريڪا سمجهي چڪو آهي ته يوريشيا ۾ هاڻ اهم جنگ "دهشتگردي خلاف جنگ" نه پر چين جي ناڪابندي آهي ان ڪري صدر بائيڊن افغان جنگ کي ختم ڪرڻ وقت اهو واضح ڪيو ته "اسان جا افغانستان ۾ حدف پورا ٿي چڪا آهن". جنگ جا حدف پورا ٿيڻ بجاءِ تبديل ٿي چڪا آهن. يوريشيا ۾ هاڻ اهم جنگ چين جي پيش قدمي کي روڪڻ آهي. ان ۾ هڪ ته وچ ايشيا ۾ چين جي اهم ساٿي روس کي جنگ ذريعي ڪمزور ڪيو پيو وڃي ۽ ٻئي پاسي يوريشيا ۾ چين جي ناڪابندي جي جنگ ۾ اهم ملڪ پاڪستان ۽ افغانستان آهن.

هاڻ جڏهن دهشتگردي جي جنگ ۽ "نام نهاد جمهوريت جي امداد" جو باب پورو ٿي چڪو ۽ يوريشيا ۾ آمريڪا جو حدف چين جي پيش قدمي کي روڪڻ آهي. اتي پاڪستان ۽ افغانستان جي معاشي امداد يا نام نهاد جمهوري قوتن جي امداد ۽ انهن کي مستحڪم ڪرڻ ۾ آمريڪا جي ڪائي دلچسپي ناهي. ان ڪري آمريڪا افغانستان جي امداد توڙي اثاثا ضبط ڪري ويٺو آهي ۽ پاڪستان جي فوجي توڙي سولين امداد بند آهي. افغانستان ۾ آمريڪا جي اسٽريٽجي هڪ آمريڪي اسڪالر ڊينيل مرڪي جي اصطلاح ۾ "Defensive Insulation" جي آهي. ان مان مراد ته آمريڪا افغانستان کي شعوري طور ڇڏي هڪ سيڪيورٽي خال ۽ عدم استحڪام جي صورتحال کي پيدا ڪيو آهي. جيئن پاڪستان ۽ چين مخالف گروپ جهڙوڪ ٽي ٽي پي، بي ايل اي، ايسٽ ترڪستان موومينٽ وغيره کي وڌيڪ اسپيس ملي سگهي. آمريڪا افغانستان کي به پاڙيسرين لاءِ هڪ جار ٺاهيو آهي. جنهن ۾ گهڙڻ به مسئلو آهي ۽ لاتعلق رهڻ به مسئلو آهي. ان ڪري پاڪستان ڪنهن وقت ٽي ٽي پي جي ڪيمپن تي افغانستان ۾ گهڙي هوائي حملا ڪرڻ تي مجبور ٿي رهيو آهي ته ڪنهن وقت ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪابل پهتل آهي. آمريڪا جي غيرمشروط انخلاءَ کانپوءِ افغانستان جي سرزمين تان انهن تنظيمن جا حملا پاڪستان اندر تيز ٿي ويا آهن. جنهن ۾ سڀ کان گهڻو نقصان چين کي ٿي رهيو آهي. ان ڪري ڪابل جا اسلام آباد ۽ بيجنگ سان تعلقات خراب ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ ته طالبان حڪومت انهن تنظيمن جي ڪيمپن کي ختم ناهي ڪري رهي. "ڊيفينسو انسوليشن" جي پاليسي جو مطلب اهو به آهي ته هڪ ملڪ کي مڪمل طرح بي يارو مددگار ڪري ڇڏي ڏيڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ عدم استحڪام کي پاڙيسرين خلاف استعمال ڪرڻ ۽ پاڻ کي ان عدم استحڪام کان بچائڻ لاءِ پنهنجي سيڪيورٽي کي سخت ڪرڻ. آمريڪا اهو واضح ڪيو آهي ته افغانستان جي عدم استحڪام مان ڦٽندڙ ڪنهن به خطري، جنهن سان آمريڪي يا عالمي سيڪيورٽي کي نقصان پهچي، ان کي آمريڪا "over the horizon" يعني پنهنجي جديد فوجي ٽيڪنالاجي ذريعي پري کان ويهي روڪيندو جيئن دنيا ۾ ڪافي هنڌن تي آمريڪا گرائونڊ فوج بغير ڊرون- سيٽلائيٽ ۽ اسپيشل فورسز آپريشن ذريعي پنهنجي حدفن کي نشانو ٺاهيندو آهي.

ڇا پاڪستان ۾ به آمريڪا جي اسٽريٽجي ساڳي "Defensive insulation" واري آهي ته پاڪستان کي به ڏکين حالتن ۾ بي يارو مددگار ڇڏي ڏجي ۽ خطي ۾ عدم استحڪام کي وڌڻ ڏجي؟ جيڪڏهن ڪجهه سالن کان آمريڪا جي پاڪستان کان لاتعلقي، عالمي مالياتي ادارن ۽ ايف اي ٽي ايف ذريعي پاڪستان کي سوڙهو ڪري سندس سالميت ۽ اهم ادارن تان هٿ ڪڍڻ جي پاليسي، افغانستان ۽ پاڪستان اندر چين مخالف قوتن کي لڪل حمايت وغيره کي ڏسجي ته آمريڪا جي پاڪستان لاءِ گهڻي پاڳي ڊفينسو انسوليشن جي پاليسي رهي آهي. جيئوٽيڪ ان پاليسي کي ڪيتري حد تائين لاڳو ڪيو ويندو، اهو وڌيڪ ايندڙ ڏينهن ۾ واضح ٿي ويندو. پاڪستان جي موجوده بحران پويان هڪ اهم سبب آمريڪا جي اها "ڊيفينسو انسوليشن" واري پاليسي ئي آهي. ڇاڪاڻ ته پاڪستاني رياست پنهنجي وجود کان آمريڪي مدد تي انحصار ڪندي رهي آهي ۽ ڪجهه سالن کان جڏهن اها مدد روڪي وئي آهي ته اڄ ملڪ جي صورتحال ڏيوالي جي قريب پهتي آهي. ان سڄي صورتحال ۾ آمريڪا ۽ اتحادي پاڪستان کي معاشي ڏيواليپڻي ۾ وجهي ۽ ان کان اهم اثاثا ڦري ،دفاع ۽ سالميت تي ڪمپرومائز ڪرائي ان کي عسڪري ۽ سياسي طور هڪ اهڙي ڊمي رياست ٺاهڻ چاهين ٿا، جيڪا چين جي هندي سمنڊ ۽ يوريشيا طرف پيش رفت ۾ مدد نه ڪري سگهي ۽ ٻئي مرحلي ۾ افغانستان پاڪستان خطي ۾ هڪ اهڙي سياسي جاگرافيائي ڀڃ ڊاهه چاهين ٿا، جيڪا چين جي پاڙي ۾ ئي ان کي روڪي رکي.

ان سڄي صورتحال ۾ سنڌي قوم ۽ خطي ۾ ٻين مظلوم قومن ۽ عوام کي حڪمران طبقن تي پاڙڻ بجاءِ پنهنجي نئين سياسي صف بندي ڪرڻي پوندي ته جيئن ايندڙ بحرانن کي منهن ڏئي سگهجي.

ساٿِرِ صِحتَ سُپِرين، آهي نہ آزارُ؛
مجلسَ وِيرَ مِنو ٿئي، ڪوڻِيندي قَهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

هولي ڏهاڙي هڪ مسيحا جو دردناڪ ۽ ڏکدائڪ قتل

محمد خالد ميمڻ

گذريل ڏينهن هندو مذهب جي ڏڻ هولي ڏهاڙي هڪ افسوسناڪ ڏک ڀري خبر ملي ته چمڙي جي ماهر مشهور ڊاڪٽر ڌرم ديو راٺي کي سندس ملازم ڇري جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو ڊاڪٽر ڌرم ديو راٺي سنڌ جو هڪ بهترين چمڙي جو انتهائي ماهر ڊاڪٽر هيو ۽ سندس ڪلينڪ تي مريضن جي هروقت وڏي رش هوندي هئي مون کي پڪي يادگيري آهي ته تقريبن 15 سال اڳ مون کي پيرن ۾ خارش ٿي پئي هئي ۽ ان ڪري ڦٽ پڻ ٿي پيا هيا جنهن جو مان ڦل نوشهروفيروز نواب شاهه جي ڊاڪٽرن کان تمام گهڻو علاج ڪرايو پر مون کي انهن جي ڏنل دوائن مان ڪو به فائدو نه ٿيو ۽ مان حيدرآباد هليو ويس ۽ اتي ڊاڪٽرن واري علائقي صدر ۾ ڊاڪٽر ڌرم ديو راٺي جي ڪلينڪ تي هليو ويس اتي پهتس ۽ نظر ڊوڙايم ته ڪلينڪ اندر مريضن جي وڏي رش هئي ۽ مونکي واپس گهر به پهچڻو هيو سو هڪ پني تي پنهنجو نالو ۽ ايڊريس لکي ڊاڪٽر ڏي موڪليم ۽ لکيو مانس ته مان پري ڦل شهر ضلع نوشهروفيروز کان آيو آهيان ۽ واپس به وڃڻو آهي ان ڪري مون کي جلدي گهرايو ڇٺي ملڻ بعد ڊاڪٽر صاحب مون کي جلدي گهرايو ۽ پڇيائين ته ڊاڪٽر عزيزالله ميمڻ سان اوهان جو ڪهڙو رشتو آهي مون ٻڌايومانس ته اهو منهنجي بابا جو سؤٽ ۽ منهنجو چاچو هيو ته پاڻ ٻڌايائين ته ڊاڪٽر عزيزالله ميمڻ ۽ مون گڏ لمس ڄامشورو مان ايم بي بي ايس ڪئي هئي ۽ جڏهن اوهان جيڪا چٺي موڪلي هئي ۽ ان ۾ ڦل شهر جو نالو لکيو ته مون کي ڊاڪٽر عزيزالله ميمڻ ياد آيو ۽ ان جي ڪري ئي مون جلدي اوهان کي گهرايو ۽ ائين مون کان مرحوم ڊاڪٽر عزيزالله ميمڻ ۽ سندس پٽنئرن بابت تفصيلي حال احوال پڇيائين ۽ منهنجي بيماري بابت پڇي چيائين ته پهريان ته اهو اوهان جيڪو ريگزين جو پشاوري سينڊل پاتو آهي اهو نه پايو ۽ کهين واري هوائي چپل پايو ۽ گڏوگڏ هڪ عام هلڪي قيمت واري ڪريم ۽ گوريون لکي ڏنائين جيڪي مون استعمال ڪيون ته منهنجو مسئلو حل ٿي ويو ۽ وري مان پنهنجي علاج لاءِ ڪيس وٽ نه ويس ان کي چئبو آهي ماهر ڊاڪٽر جيڪو ڏسڻ سان ئي مرض کي سمجهي ويو ۽ دوائون ڏنائين جنهن مان فائدو به ٿي ويو ان سبب جي ڪري ئي سندس جي ڪلينڪ تي هروقت مريضن جي رش لڳل هوندي هئي ۽ روزانو سوين مريض هن جي علاج سان شفاياب ٿي رهيا هيا ۽ ڪيس کي قتل ڪندڙ درندي ڄڻ ته لکين ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندس قاتل ضرور منطقي انجام تائين پهچندو ۽ ڪيس کي قانون موجب سخت سزا به ملندي پر ڇا هي مسيحا وري واپس ايندو نه بلڪل به نه ۽ اسان ماڻهن کي آخر ڇا ٿي ويو آهي جو پنهنجي ڪنهن ننڍڙي خواهش يان ضرورت پوري نه ٿيڻ ڪري هڪ دنيا جهان جي مسيحا کي ائين دردناڪ طريقي سان ماري ٿا ڇڏيون ۽ سماج جو هڪ وڏي ۾ وڏو گناهه ڪري ٿا وجهون جنهن جو ڪو به ازالو ممڪن ئي ناهي درندي قاتل کي اگر ڊاڪٽر مان ڪا تڪليف هئي ته پاڻ ڊاڪٽر وٽان نوڪري ڇڏي هليو وڃي هان پر ائين هڪ مسيحا جيڪو لکين مريضن جون تڪليفون گهٽائي رهيو هيو ان کي ڇرين جا وار ڪري قتل نه ڪري ها ڊاڪٽر ڌرم ديو جو خال ڀرڻ ته ناممڪن آهي پر ان جي قاتل کي سخت ترين سزا ڏيارڻ جو مطالبو ٿو ڪجي ته جيئن آئنده اهڙو ڪو دردناڪ واقعو نه ٿئي ۽ وري ڪو مسيحا ائين قتل نه ٿئي

بقايا 04

دوران وصول ڪئي ويندي. مجموعي سرچارج وڌي 3 رپيا 82 پئسا في يونٽ ٿي ويندي. ان وقت بجلي واهپيدار 43 پئسا في يونٽ سرچارج ادا ڪري رهيا آهن سرچارج کي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو ٿيندي. جون 2023 تائين بجلي واهپيدارن کان تقريبن 76 ارب رپيا واڌو وصول ڪيا ويندا.

بقايا 05

جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني وئي آهي. اليڪشن ڪميشن گذريل ڏينهن ٻڌائي ۾ چيو هو ته وفاقي گهرو وزارت کي هدايت ڪئي وئي آهي ته چونڊن جي انتظامن لاءِ فوج، رينجرز ۽ بي نفري جي حوالي سان آگاهي ڏني وڃي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ هو ته چونڊن جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي سميت حساس ادارن کان بريفنگ ورتي ويندي. اليڪشن ڪميشن سومر ڏينهن پنجاب جي نگران وڏي وزير، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس کي به گڏجاڻي لاءِ گهرايو آهي.

بقايا 06

۽ جانين جي به پرواهه نه ڪرڻ گهرجي: جوابي خط جو متن سکر: ڪچي ۾ ڌاڙيلن پاران مغوين جي عورتن سان مبينا لچالت واري معاملي تان سنڌ جي اسسٽنٽ ايڊوڪيٽ جنرل ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي وچ ۾ اختلاف سامهون اچي ويا ايس ايس پي تنوير تنيو زاهد مزاري کي خط لکي چيو آهي ته توهان عدالت ۾ مون سان بيان منسوب ڪندي غلط ڳالهيون ڪيون. ڪچي ۾ ڌاڙيلن پاران مغوين جي عورتن کي گهرائي لچالت ڪرڻ ۽ وڊيوز ريڪارڊ ڪري ڊارڪ ويب کي وڪرو ڪرڻ وارين ڳالهين ۾ ڪا سچائي نه آهي. مون اهڙو ڪو به موقف اختيار نه ڪيو آهي. توهان کي انهن غلط ڳالهين جي ٽن ڏينهن اندر وضاحت پيش ڪرڻ گهرجي اسسٽنٽ ايڊوڪيٽ جنرل زاهد مزاري جوابي خط ۾ چيو آهي ته ايس ايس پي صاحب توهان جو موقف عدالتي ريڪارڊ جو حصو آهي. توهان عدالت ۾ ٻڌڻي دوران ترديد نه ڪئي. هاڻي ترديدون ڇو پيا ڪيو؟ اسسٽنٽ ايڊوڪيٽ جنرل زاهد مزاري جوابي خط ۾ مان سمجهي سگهان ٿو ته توهان تي سسٽم ۽ بااثر ڌرين جو وڏو دٻاءُ هوندو. سنڌ ۽ ملڪ جي عظيم مفاد ۾ اسان کي پنهنجي نوڪرين ۽ جانين جي به پرواهه نه ڪرڻ گهرجي

بقايا 07

آءِ سکر ضلعي جي صدر ظهير بابر موقف اختيار ڪيو ته مريم نواز فوج ۽ عدليه خلاف تقريرن ذريعي عوام کي بغاوت لاءِ ڀڙڪائي رهي آهي. سندس خلاف بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو وڃي. مريم نواز طرفان وڪيل ذوالفقار علي ملاڻو عدالت ۾ پيش ٿيو ڊپٽي اٽارني جنرل دليل ڏيندي چيو ته درخواست ۾ مريم نواز جي سرگوڌا واري تقرير جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان ڪري درخواست به سرگوڌا جي عدالت ۾ داخل ڪرائي سگهجي ٿي. عدالت درخواست کي ٻڌڻ جوڳو نه قرار ڏيندي درخواست خارج ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 08

۾ ايس پي انويسٽيگيشن سميت 3 آفيسر شامل آهن گذريل ڏينهن ڪوئيٽا جي عدالت ادارن خلاف نفرت ڀڙڪائڻ جي ڪيس ۾ عمران خان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا ڪوئيٽا پوليس جي ٽيم عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ گذريل ڏينهن لاهور لاءِ روانا ٿي هئي. ڪوئيٽا جي ٽيم عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ لاهور پهتل آهي. عمران خان جي گرفتاري جا امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪوئيٽا جي ڪيس ۾ حفاظتي ضمانت جي درخواست به داخل ڪري رکي آهي

بقايا 09

هو زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي آيو ته ڪجهه ماڻهن جا هٿ پير سڄي ويا. هن چيو ته نواز شريف کي ٻاهر موڪلڻ انهن ئي ماڻهن جي مجبوري هئي. ڪڏهن نه ڪڏهن اها ڳالهه سامهون اچي ويندي ته ان معاملي ۾ به عمران خان ملوث هو.

بقايا 10

ڪئي لاهور پهتل آهي. عمران خان جي گرفتاريءَ لاءِ پهتل ٽيم ۾ ايس پي نديم. ڊي ايس پي عبدالستار، سب انسپيڪٽر ۽ 2 ٻيا اهلڪار شامل آهن گذريل ڏينهن ڪوئيٽا جي عدالت ادارن خلاف نفرت ڀڙڪائڻ جي ڪيس ۾ عمران خان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا.

بقايا 11

وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته عمران خان اڄ به سيڪيورٽي جو بهانو بڻائي عدالت ۾ پيش نه ٿيو.عدالت عمران خان کي گهرائي ٿي ته معذوري، بيماري ۽ بزرگي جو بهانو ڪري ٿو

بقايا 12

هفتا اڳ نيب جي راولپنڊي آفيس کي فيض حميد خلاف شڪايت تي ٻڌل هڪ فائيل مليو هو فائيل ۾ فيض حميد جو انڪم ٽيڪس ريڪارڊ ۽ ٻن صفحن تي ٻڌل شڪايت نامو به شامل هو ذريعن موجب ڊي جي نيب فائيل جو جائزو وٺڻ ۽ اختيارين سان مشاورت بعد شڪايت واپس ڪري ڇڏي شڪايت ڪندڙ کي واڳيل اختيارين ذريعي بيورو کي باضابطہ درخواست ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي ذريعن موجب نئين چيئرمين نيب نذير احمد ٻٽ جي مقرري بعد معاملو ٻيهر نيب ڏانهن اماڻڻ جا امڪان آهن.

بقايا 13

جوابدارن خلاف ٺوس ثبوت پيش نه ڪري سگهي جسٽس عمر سيال ايف آءِ اي جي جاچ آفيسر کان سوال ڪيو ته توهان عائشه شيخ ڪيس ۾ جمع ڪرايل حلف نامي ۾ چيو آهي ته ايگزٽ جو ڪاروبار قانوني آهي عدالت سوال ڪيو ته ڇا اهو حلفي بيان رڳو عائشه شيخ جو آهي يا سمورن جوابدارن جو آهي؟ جاچ آفيسر سعيد احمد چيو ته اهو حلف نامو سمورن جوابدارن لاءِ آهي جسٽس عمر سيال پڇاڻو ڪندي چيو ته جيڪي ڳالهيون توهان هاڻي ڪري رهيا آهيو اهي اڳ ڇو نه ڪيون؟ هي ماڻهو 8 سالن کان ڪيس کي منهن ڏئي رهيا آهن جاچ آفيسر چيو ته مون کي پهرين آن لائين ايجوڪيشن جي خبر نه هئي، جسٽس عمر سيال چيو ته ان سان ملڪ جي وڏي بدنامي ٿي هوندي، عدالت جاچ آفيسر جي بيان کانپوءِ سمورن جوابدارن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا 14

وقت ٿيندين، سڀني صوبن ۾ نگران حڪومت هجڻ به ضروري آهي: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن سان غير مشروط سهڪار به ڪنداسين. پنهنجا سمورا وسيلا اليڪشن ڪميشن آڏو رکنداسين. اليڪشن لاءِ عدليا به پنهنجا ماڻهو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 15

سان ڳالهائيندي پرويز الاهي چيو ته پ پ جي احسان الحق تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي، پ پ ۽ ن ليگ جا ماڻهو ٽارگيٽ ڪري تحريڪ انصاف ۾ آڻيا آهن. مريم نواز ن ليگ کي وڌيڪ نقصان پهچايو آهي. صحافي سوال ڪيو ته عمران خان چئي ٿو اسٽيبلشمينٽ ان تي ڪاٽا لڳائي ڇڏيو آهي. ڇا توهان اهو ڪاٽا هٽائي سگهو ٿا؟ جنهن تي پرويز الاهي چيو ته ڪاٽا الله طرفان لڳندو آهي ۽ جڏهن اهو لڳي ته زندگي ختم ٿي ويندي آهي. هن عمران خان جي مقبوليت ذوالفقار علي ڀٽو کان ٻيڻي هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ چيو ته چونڊن جا جيڪي نتيجا اچڻا آهن. اهي ماڻهو انهن کان ڏجن ٿا.

بقايا 16

ٿيو ۽ مان نمائش جو موضوع ڏنو ته جنهن ۾ انساني جسم ۽ فطرت جي ميلاپ ۽ احساسن جي تشريح ڪرڻي هئي ته اها ڳالهه منهنجي لاءِ دلچسپيءَ جوڳي هئي ۽ اڄ جڏهن مون فائزه بلگرامي نالي هڪ اڀرندڙ نوجوان ٽيلنٽ جو فن ڏٺو ته داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيس. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽاليواري آرٽسٽ ۽ ٽيڪسٽائل ڊزائنر فائزه بلگرامي جي ٽن ڏينهن واري نمائش ۾ خاص مهمان طور شرڪت ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي وڏي انگ ۾ مشهور شخصيتون ۽ ماڻهو پڻ موجود هئا. هن چيو ته ايتري ننڍي عمر ۾ هن ڇوڪريءَ ۾ ڪيترو ٽيلينٽ موجود آهي، هن ۾ ڪيترو وڏو آرٽسٽ ان جي اندر لڪيل آهي ته اها خوشي جو باعث آهي هن چيو ته هڪ آرٽسٽ جي پنهنجي دنيا هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان اندازو به نٿا لڳائي سگهون ته آرٽسٽ دنيا کي ڪهڙي نظر سان ڏسندو آهي. هن چيو ته هن نمائش ۾ فائزه بلگرامي جنهن طريقي سان انساني ڦڦڙن، زبان، ڪنن ۽ ٻين عضون جو تجزيو ڪيو آهي ۽ انهن کي مختلف رنگن ۾ پريو آهي، اهو وڏو ڪمال آهي. هن چيو ته اهڙي طرح هن ڪپڙن ذريعي ٽيڪسٽائل تي به ڪم ڪيو آهي جيڪو پڻ ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته مان سندس والد کي سلام پيش ڪريان ٿي ته جنهن پنهنجي ڌيءَ جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ ان جي فن کي دنيا آڏو پيش ڪرڻ لاءِ هي نمائش منعقد ڪرائي. شهلا رضا چيو ته اسان کي اهڙن والدين جي سخت ضرورت آهي جيڪي پنهنجي ٻارن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪندا آهن هن چيو ته فائزه بلگرامي جي فن کي ڏسندي مون کي يقين آهي ته تمام جلد هوءَ ملڪ جي ناميارن آرٽسٽن ۾ شامل ٿيندي. ان کان اڳ صوبائي وزير سيده شهلا رضا ٽن ڏينهن واري نمائش جو ربن ڪٽي افتتاح ڪيو.

بقايا 17

ايران ۽ چين طرفان جاري ڪيل گڏيل پڌرنائيءَ موجب تهران ۽ رياض اتفاق ڪيو آهي ته پاڻ ۾ سفارتي لاڳاپا بحال ڪيا ويندا ۽ پنهنجا سفارتخانا ۽ مشنز ٻن مهينن کان اڳ بحال ڪري ڇڏيندا. ايراني سرڪاري ميڊيا موجب صدر ابراهيم رئيسي جي تازي دوري کانپوءِ سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري چين جو دورو ڪيو ته جيئن چين ۽ سعودي عرب وچ ۾ مسئلن جي حل لاءِ سعودي وفد سان ڳالهيون شروع ڪري سگهجن. ايراني نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري ۽ سعودي عرب جي قومي سلامتي جي صلاحڪار وچ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن جي ڳالهين کانپوءِ ٻنهي ملڪن لاڳاپن جي بحالي جو معاهدو ڪري ورتو. ٻنهي ملڪن وچ ۾ معاهدي دوران باضابطا هڪ تقريب ۾ ايران، سعودي عرب ۽ چين طرفان هڪ گڏيل بيان جاري ڪيو ويو جاري ڪيل بيان موجب سعودي عرب ۽ ايران ٻن مهينن اندر پنهنجا سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ ۽ سفارتخانا ٻيهر کولڻ تي راضي ٿي ويا آهن رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته خود مختياري جي احترام ۽ هڪٻئي جي اندروني معاملن ۾ عدم مداخلت تي زور ڏيندي ٻنهي ملڪن 17 اپريل 2001 ۾ طئي ٿيندڙ سيڪيورٽي سهڪار جي معاهدي تي عملدرآمد تي اتفاق ڪري ورتو آهي. وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ٻنهي ملڪن 27 مئي 1988 ۾ طئي ٿيل عام معاهدي تي به اتفاق ڪري ورتو آهي. جنهن جو مقصد اقتصادي، واپاري، سيڙپڪاري، ٽيڪنيڪي، سائنسي، ثقافتي، راندين ۽ نوجوانن جي معاملن ۾ لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ هو پنهنجي گڏيل بيان ۾ ٽنهي ملڪن علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هر ڪوشش ڪرڻ تي زور ڏنو.ان موقعي تي ايران ۽ سعودي عرب ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن جي بحالي لاءِ ڪوشش ۽ 2021_22 ۾ ڳالهيون ڪرائڻ تي عراق ۽ عمان جا به ٿورا مڃيا. جڏهن ته هلندڙ ڳالهين جي ميزباني ۽ مدد تي چيني قيادت جا پڻ ٿورا مڃيا.

بقايا 18

پوليو جي خاتمي جي بابت صوبائي ٽاسڪ فورس جي اهم اجلاس ۾ چئي. جنهن جي گڏيل صدارت چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت ۽ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر محمد اقبال ميمڻ، صحت کاتي جي سيڪريٽري ذوالفقار شاهه، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن غلام اڪبر لغاري، ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر فياض عباسي، سي او بي پي ايڇ آئي جاويد علي ۽ روٽري انٽرنيشنل جي نمائندن شرڪت ڪئي جڏهن ته سمورن ڊويزنل آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن ويڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ سومر 13 مارچ کان پوليو مهم شروع ڪئي ويندي. هن والدين کي درخواست ڪئي ته هو پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪن ۽ 5 سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيئارين. صوبائي وزير صحت چيو ته پهريان پوليو جا ڦڙا پيئارڻ کان انڪار ڪرڻ وارن والدين کي راضي ڪرڻ لاءِ سوشل موبلائيزز جي ڪردار کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي پوليو مهم کي ڀرپور طريقي سان شروع ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته پوليو مهم لاءِ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي 100 سيڪڙو حاصل ڪيو وڃي ۽ پوليو مهم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته پوليو فري پاڪستان جي طرف آخري ميل وڏو چيلينجنگ آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻئي صوبي کان ماڻهو سنڌ جي طرف لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن جنهن لاءِ صوبي جي انٽري پوائنٽس تي موثر پوليو مهم هلائي وڃي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پوليس، ريلوي پوليس ۽ رينجرز جي سهڪار سان بس اسٽينڊز ۽ ريلوي اسٽيشنن تي پوليو جا ڦڙا پيئاريا وڃن. ڪراچي ٽول پلازه، حيدرآباد ٽول پلازه، سکر، جيڪب آباد، گهوٽڪي ۽ ڪشمور ۽ صوبي جي ٻين سرحدي ضلعن جي بس اسٽينڊز تي پوليو جا ڦڙا موثر طريقي سان پيئاريا وڃن ۽ ان لاءِ صحت کاتو پوليو ٽيمن جي تعداد ۾ اضافو ڪندو. چيف سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن کي هدايت ڪئي ته هو پرائيويٽ اسڪولن کي پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪري. صوبائي ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر فياض عباسي اجلاس کي ٻڌايو ته 13 مارچ کان 19 مارچ تائين صوبي جي 16 ضلعن ۾ 41883 فرنٽ لائن ورڪرز 56 لک ٻارن تائين پهچندا اجلاس ۾ ايڊيشنل آئي جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو مهم لاءِ سڪيورٽي انتظامن جو يقين ڏياريو اجلاس ۾ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ۽ نيشنل ايمرجنسي اينڊ آپريشن سينٽر جي حڪام ويڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي ۽ سنڌ حڪومت کي انسداد پوليو جي لاءِ ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو

بقايا 19

ڪئي.جنازي نماز ۾ سعودي ڪابينا جي ميمبرن سميت شاهي خاندان جي ماڻهن شرڪت ڪئي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان به شهزادي الجواهره جي تدفين ۾ به شرڪت ڪئي سعودي عوام طرفان شهزادي الجواهرا جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو آهي.

بقايا 20

في ڪلو ملندي. يوٽيلٽي اسٽورن تي سمورن صارفين کي دال تي 20 رپيا في ڪلو، ڪوڪنگ آئل تي 25 رپيا في ڪلو ٻيسڻ تي 50 رپيا في ڪلو، ڪتل تي 30 رپيا. شربتن تي 30 رپيا، چانهه تي 100 رپيا، کير تي 30 رپيا ۽ مصالحن تي 10 رپيا رعايت هوندي.

بقايا 21

۾ جرڳو ٿيو درگاهه جي گادي نشين عبدالخالق مٺان ويگڻ پائرن تي پوليس وٺي اچڻ ۽ گهر جي پٽ ڊاهڻ جو ڏوهه ثابت ٿين. جنهن بعد 6 لک ڏنڊ جي فتويٰ ٻڌائي وئي ميان اجو ۽ ميان ذوالفقار مٿان عبدالخالق تي فائرنگ جو ڏوهه ثابت ٿيو جرڳي دوران ڏوهي ڌر مٿان 5 لک رپيا ڏنڊ جي فتويٰ ٻڌائي وئي جرڳي دوران فيصلو ڪيو ويو ته ڌرين جي مشيرن طرفان تڪراري 4 هزار فٽ پلاٽ جي ماپ ڪئي ويندي واضح رهي ته پرچوندي شريف جي گادي نشين عبدالخالق جو ويگڻ پائرن ميان اجو ۽ ميان ذوالفقار سان تڪرار هلندڙ هو.

بقايا 22

آهوجا ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته پيدل مارچ 19 تاريخ تي ڪراچي پهچندو ته ڪرپٽ حڪمرانن جو راڄ ختم ٿي ويندو اڳواڻن چيو ته پيدل مارچ جو مقصد سنڌ واسين کي زيادتين خلاف سجاڳ ڪرڻ آهي.

بقايا 23

موجب سينئر صحافي طاهر نجمي ڪافي عرصي کان بيمار هو. هن مختلف ادارن ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ مختلف صحافتي تحريڪن ۾ پڻ حصو ورتو طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي مختلف حلقن سان تعلق رکندڙ شخصيتن وڏي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 24

سرڪار تعليمي بوردن جا امتحان ٿرڊ پارٽي ذريعي ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو يونيورسٽيز اينڊ بورڊ کاتي پاران نائين کان 12 تائين امتحان ٿرڊ پارٽي ذريعي ڪرائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي بوردن ۾ امتحانن دوران ڪرپشن وارا اسڪينڊل سامهون اچڻ بعد سنڌ سرڪار اهڙو اعلان ڪيو ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد ۽ سکر جي تعليمي بورڊ کي خط لکيو ويو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته 2023 کان نائين کان ٻارهين درجي جا امتحان ٿرڊ پارٽي جي ٽيسٽنگ سروس ذريعي ورتا ويندا.

بقايا 25

ميمڻ روزنامه ايڪسپريس جي ايڊيٽر طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي اظهار تعزيت ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته طاهر نجمي هڪ اصول پرست با وقار صحافي هو هن سموري زندگي راءِ اظهار جي آزادي جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ اردو صحافت ۾ استاد جو درجو رکندا هئا. هن وڏي محنت سان پنهنجي ٽيم سان گڏ روزنامه ايڪسپريس کي هن مقام تائين پهچايو ان جو دنيا مان وڃڻ صحافت جي شعبي جو وڏو نقصان آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير دعا ڪئي ته رب العزت مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عنايت ڪري (آمين)

بقايا 26

جو واقعو گراسبرسٽل ۾ پيش آيو. جتي هٿياربندن چرچ ۾ موجود ماڻهن تي فائرنگ ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ 7 ڄڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پوليس اختيارين موجب جوابدارن جي فرار ٿيڻ بابت ڪا به ڄاڻ ناهي. مارجي ويلن ۾ هٿياربند به شامل ٿي سگهي ٿو پر علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ۽ علائقي واسين کي گهرن ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته حملي جي حوالي سان ڪا به جوڳي ڄاڻ نه آهي. هن عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو ان حوالي سان افواهه نه پکيڙين فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 27

جي درخواست تي ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ فريادڻ عورت ڄاڻايو آهي ته 25 سالن تائين مڙس سان رهيس. ان دوران ڪا نوڪرياڻي هجي ها ته لکين ڊالر وٺي ها شادي کان پهرين سٺي نوڪري به هئي، وڏي پگهار ملندي هئي. پرڻي بعد گهر جي ڪمن ۾ لڳي ويس. عورت موجب 1995ع کان 2020ع تائين هن جي شادي رهي. هن چيو ته شادي دوران مون گهرلو نوڪرياڻي وانگر ڪم ڪيو هئي ان جو معاوضو ڏنو وڃي.

بقايا 28

طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ سيڪريٽري اطلاعات چيو ته طاهر نجمي صاحب جي لاڏاڻي جي خبر ٻڌي ڪري وڏو افسوس ٿيو صحافت جي شعبي ۾ طاهر نجمي صاحب جون خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. سندس قلم صحافتي قدرن جو جذبو اڀاريو هن چيو ته اسان طاهر نجمي صاحب جي سوڳوار خاندان ۽ روزنامه ايڪسپريس جي سمورن دوستن کي تعزيت پيش ڪيون ٿا الله تعاليٰ کان دعا آهي ته مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جڳهه ۽ سوڳوار خاندان ۽ دوستن کي صبر جميل عنايت فرمائي (آمين)

بقايا 29

پئسا مهانگو ٿي 282 رپيا 30 پئسا تي بند ٿيو. ڪالهه جمعي تي ڪاروبار جي شروعات ٿيندي ئي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي ۽ هڪ ڊالر 2 رپيا 80 پئسا سستو ٿي ويو آهي. هن وقت انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 279 رپيا 50 پئسا آهي.

بقايا 30

ورزي جي حوالي سان پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ هلائڻ وارين خبرن کي بي بنياد ڪندي چيو آهي ته مالي سال جي دوران فراهم فنڊ جي گهٽتائي ۽ ٽينڊرز ۾ ڏنل اضافي ريٽ جي ڪري غيرملڪي نسل جي جانورن ڪوئي به خريداري نه ڪئي وئي آهي اليڪٽرونڪ ميڊيا کي جاري وضاحت ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته مالي سال 2022_23 ۾ فنڊزجاري نه ڪرڻ جي ڪري ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽرز، پرنٽرز جي پڻ ڪنهن به قسم جي خريداري نه ڪئي وئي آهي جڏهن ته ٽينڊر ڪميٽي جي چيئرمين پاران لگزري آئٽم جي خريداري تي پابندي عائد ڪرڻ جي بدولت منرل واٽر سميت ڪنهن قسم جي ٻين شين جي پڻ ڪائي خريداري نه ڪئي وئي آهي ان ڪري ميڊيا تي هلايل خبرون بي بنياد ۽ ڪوڙ تي ٻڌل آهن ان جو حقيقتن سان ڪوئي واسطو نه آهي.

بقايا 31

حيدرآباد سي آءِ اي سينٽر وٽ ٽرڪ جي موٽر سائيڪل کي ٽڪر ۾ 2 سڳا ڀائر فوت ٿي ويا. فوتين جي سڃاڻپ ميرپورخاص واسي محمد قيوم ۽ سندس ڀاءُ نعيم طور ٿي. پوليس ٽرڪ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڄامشورو ويجهو انڊس هاءِ وي تي انجاتل گاڏيءَ موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو، نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ڏير ۽ ڀاڄائي فوت ٿي ويا. هڪ نينگر زخمي ٿي پيو. فوتين ۾ مسمات پانا ۽ ڏير موٽيو خاصخيلي شامل آهن. زخمي ٿيل نينگر ڄامشورو اسپتال منتقل ڪيو ويو پريا سٽي ويجهو به قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، ڳوٺ عمرڪلهوڙو واسي نادر ڪلهوڙي ۽ وسيم ڪلهوڙي ٽڏي تي دم ڏنو، ٻئي فوتي پاڻ ۾ سئوٽ هئا قمبر گرڊ اسٽيشن ويجهو مسافر بس جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر. نوجوان امير علي ڪوري فوت. سندس چاچو عبدالجبار زخمي. ڪنڊيارو ويجهو سکر کان ڪراچي ويندڙ قومي شاهراهه تي تيز رفتار مزدا ڪلٽي ٿي پئي، 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا پوليس موجب مزدا جو پويون ٽائر اوچتو نڪري وڃڻ سبب مزدا ڪلٽي ٿي. زخمي ٿيل سعيد، اسلم، بابر ۽ صابر کي ڪنڊيارو اسپتال ۾ طبي امداد ڏيڻ بعد نوابشاهه ريفر ڪيو ويو.

بقايا 32

پوليو جي خاتمي جي بابت صوبائي ٽاسڪ فورس جي اهم اجلاس ۾ چئي. جنهن جي گڏيل صدارت چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت ۽ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر محمد اقبال ميمڻ، صحت کاتي جي سيڪريٽري ذوالفقار شاهه، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن غلام اڪبر لغاري، ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر فياض عباسي، سي او بي پي ايڇ آئي جاويد علي ۽ روٽري انٽرنيشنل جي نمائندن شرڪت ڪئي جڏهن ته سمورن ڊويزنل آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن ويڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته صوبي ۾ سومر 13 مارچ کان پوليو مهم شروع ڪئي ويندي. هن والدين کي درخواست ڪئي ته هو پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪن ۽ 5 سالن تائين جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيئارين. صوبائي وزير صحت چيو ته پهريان پوليو جا ڦڙا پيئارڻ کان انڪار ڪرڻ وارن والدين کي راضي ڪرڻ لاءِ سوشل موبلائيزز جي ڪردار کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي پوليو مهم کي ڀرپور طريقي سان شروع ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته پوليو مهم لاءِ مقرر ڪيل ٽارگيٽ کي 100 سيڪڙو حاصل ڪيو وڃي ۽ پوليو مهم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته پوليو فري پاڪستان جي طرف آخري ميل وڏو چيلينجنگ آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻئي صوبي کان ماڻهو سنڌ جي طرف لڏ پلاڻ ڪري رهيا آهن جنهن لاءِ صوبي جي انٽري پوائنٽس تي موثر پوليو مهم هلائي وڃي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پوليس، ريلوي پوليس ۽ رينجرز جي سهڪار سان بس اسٽينڊز ۽ ريلوي اسٽيشنن تي پوليو جا ڦڙا پيئاريا وڃن. ڪراچي ٽول پلازه، حيدرآباد ٽول پلازه، سکر، جيڪب آباد، گهوٽڪي ۽ ڪشمور ۽ صوبي جي ٻين سرحدي ضلعن جي بس اسٽينڊز تي پوليو جا ڦڙا موثر طريقي سان پيئاريا وڃن ۽ ان لاءِ صحت کاتو پوليو ٽيمن جي تعداد ۾ اضافو ڪندو. چيف سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن کي هدايت ڪئي ته هو پرائيويٽ اسڪولن کي پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪري. صوبائي ڪوآرڊينيٽر ايمرجنسي آپريشن سينٽر فياض عباسي اجلاس کي ٻڌايو ته 13 مارچ کان 19 مارچ تائين صوبي جي 16 ضلعن ۾ 41883 فرنٽ لائن ورڪرز 56 لک ٻارن تائين پهچندا اجلاس ۾ ايڊيشنل آئي جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو مهم لاءِ سڪيورٽي انتظامن جو يقين ڏياريو اجلاس ۾ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن ۽ نيشنل ايمرجنسي اينڊ آپريشن سينٽر جي حڪام ويڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي ۽ سنڌ حڪومت کي انسداد پوليو جي لاءِ ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو

بقايا 33

ٿيو ۽ مان نمائش جو موضوع ڏنو ته جنهن ۾ انساني جسم ۽ فطرت جي ميلاپ ۽ احساسن جي تشريح ڪرڻي هئي ته اها ڳالهه منهنجي لاءِ دلچسپيءَ جوڳي هئي ۽ اڄ جڏهن مون فائزه بلگرامي نالي هڪ اڀرندڙ نوجوان ٽيلنٽ جو فن ڏٺو ته داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيس. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽاليواري آرٽسٽ ۽ ٽيڪسٽائل ڊزائنر فائزه بلگرامي جي ٽن ڏينهن واري نمائش ۾ خاص مهمان طور شرڪت ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي وڏي انگ ۾ مشهور شخصيتون ۽ ماڻهو پڻ موجود هئا. هن چيو ته ايتري ننڍي عمر ۾ هن ڇوڪريءَ ۾ ڪيترو ٽيلينٽ موجود آهي، هن ۾ ڪيترو وڏو آرٽسٽ ان جي اندر لڪيل آهي ته اها خوشي جو باعث آهي هن چيو ته هڪ آرٽسٽ جي پنهنجي دنيا هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان اندازو به نٿا لڳائي سگهون ته آرٽسٽ دنيا کي ڪهڙي نظر سان ڏسندو آهي. هن چيو ته هن نمائش ۾ فائزه بلگرامي جنهن طريقي سان انساني ڦڦڙن، زبان، ڪنن ۽ ٻين عضون جو تجزيو ڪيو آهي ۽ انهن کي مختلف رنگن ۾ پريو آهي، اهو وڏو ڪمال آهي. هن چيو ته اهڙي طرح هن ڪپڙن ذريعي ٽيڪسٽائل تي به ڪم ڪيو آهي جيڪو پڻ ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته مان سندس والد کي سلام پيش ڪريان ٿي ته جنهن پنهنجي ڌيءَ جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ ان جي فن کي دنيا آڏو پيش ڪرڻ لاءِ هي نمائش منعقد ڪرائي. شهلا رضا چيو ته اسان کي اهڙن والدين جي سخت ضرورت آهي جيڪي پنهنجي ٻارن کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪندا آهن هن چيو ته فائزه بلگرامي جي فن کي ڏسندي مون کي يقين آهي ته تمام جلد هوءَ ملڪ جي ناميارن آرٽسٽن ۾ شامل ٿيندي. ان کان اڳ صوبائي وزير سيده شهلا رضا ٽن ڏينهن واري نمائش جو ربن ڪٽي افتتاح ڪيو

بقايا 34

ميمڻ روزنامه ايڪسپريس جي ايڊيٽر طاهر نجمي جي لاڏاڻي تي اظهار تعزيت ڪيو آهي پنهنجي تعزيتي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته طاهر نجمي هڪ اصول پرست با وقار صحافي هو هن سموري زندگي راءِ اظهار جي آزادي جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ اردو صحافت ۾ استاد جو درجو رکندا هئا. هن وڏي محنت سان پنهنجي ٽيم سان گڏ روزنامه ايڪسپريس کي هن مقام تائين پهچايو ان جو دنيا مان وڃڻ صحافت جي شعبي جو وڏو نقصان آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير دعا ڪئي ته رب العزت مرحوم کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عنايت ڪري (آمين)

بقايا سنڌيار 01

گهوٽڪي: طوفان احتجاج ڪيو ريو ڪارڪنن پنائي چوڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ڪارڪنن اسلامي جميعت طلبه جي غنڊن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري امتياز پنهور ايڊووڪيٽ نديم ملاڻو خان ڏهر امام ڏنو بخت مرتاس ديشي ثناءُ الله چاچڙ ۽ ٻين چيو ته هڪ سازش تحت ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهن جي وڌندڙ آبادي کي ڏسي ڪجهه ٽريون لساني بنيادن تي سنڌين تي حملا ڪري رهيا آهن جنهن سنڌين جي ڪراچي ۾ وڌندڙ آبادي کي روڪيو وڃي. هن چيو ته ڪراچي سنڌ جي دل آهي سنڌ جي دل اردو يونيورسٽي ۾ سنڌي شاگردن تي اسلامي جميعت طلبه جي غنڊن جي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هن چيو ته ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ ڪراچي جا وارث اسان سنڌي آهيون ڪنهن به ٽڪري جي بدمعاشي هلڻ ڪرڻ ڏينداسين. هن مطالبو ڪيو ته ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن تي حملا ڪندڙ اسلامي جميعت طلبه جي غنڊن کي گرفتار ڪري سنڌي شاگردن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي نه ته جسقم طرفان سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

جي گم ٿيڻ جي رپورٽ سنڌس والد رحم علي جمالي جي فرياد تي دادو سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر حد جي پوليس معصوم ٽينگر کي ڳولڻ بدران خاموش تماشائي ٿي ويٺي رهي، 30 ڪلاڪ گذرڻ بعد معصوم ٽينگر جو لاش دادو ڪئنال مان هٿ ڪيو ويو جنهن کي قانوني ڪاروائي لاءِ دادو سول اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ آندو ويو جتي قانوني ڪاروائي بعد ٽينگر جو لاش سنڌس وارثن حوالي ڪيو ويو، ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي سنڌس امڙ بيهوشي ٿي وئي، ٻئي طرف شهرين جو چوڻ آهي ٽينگر جي گرلا لاءِ دادو ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ٿيل هئي ۽ سوشل ميڊيا تي ٻه ٽينگر جي گمشدگي جا فوٽو وائرل ٿيا هئا معصوم ٽينگر ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو، ٽينگر جي امڙ بيهوش پيل آهي. شهرين دادو ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ٽينگر جي معاملي جو نوٽيس وٺي معصوم ٽينگر جي گهرڀاتين سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

لاءِ اڄ 9 ڏينهن ۾ پريس ڪلب اڳيان امتياز لنڊ، عنايت علي جمالي، امان الله ڦنگورو، الهجاڀريميش، محمد وسيم ڪوڪر، جهنڊو خان ٻبر، اياز احمد ٿيٻو، صابر علي ڏاڃ ۽ ٻين استادن جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو. پ ٽ الف اڳواڻن جو چوڻ هو ته دادو ضلعي ۾ استادن جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تعليمي اختيارين وٽ سنجيدگي نه آهي جنهن ڪري مجبورن اسان تدريسي عمل مڪمل ڪرڻ بعد احتجاج ڪري تعليمي اختيارين کي واضح ڪيون ٿا ته گذريل 9 مهينن کان ڊيوٽيون ڪندڙ استادن کي پگهارون نه مليون آهن جنهن ڪري ٽيون استاد مالي طور تي سخت پريشان آهن. ايڪريڊيشن جون لسٽون مڪمل هجڻ باوجود ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي. بائيو ميٽرڪ سسٽم سبب غير حاضري جاڳائي ڊي اي او پرائمري پاران ڏنل استادن کي سزائون ختم ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 04

جي خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سکر کان پيادل سنڌ مارچ قافلو حيدرآباد روڊ کان ٽنڊو محمد خان پهچڻ تي شهيد بابا چوڪ تي قومي ڪارڪنن جي شاندار آجيان، گلن جي ورکا، قومي گيتن سان ڀيٽا. خبرموجب ٽنڊو محمد خان جي شهيد بابا پرسان حيدرآباد کان ٽنڊو محمد خان پهتل سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سنڌ مارچ پيادل قافلي جي قومپرست پارٽين، قومي ڪارڪنن، سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن، سول سوسائٽي جي طرفان گلن جي ورکا سان شاندار آجيان ڪئي وئي. جنهن ۾ پيادل قافلي ۾ شامل قومي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي اجرڪن ٽوپين جا تحفا ڏنا ويا. پيادل سنڌ مارچ قافلو ٽنڊو محمد خان جي سيرت النبي چوڪ تي جلسي ۾ تبديل ٿي ويو. انهي موقعي تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ روشن برڙو، امير آزاد پنهور، پير خليل جان سرهندي ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي خلاف مسلسل سازشن تحت سنڌي عوام کي بنيادي حقن کان محروم رکيو وڃي پيو. پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت ۽ اتحادي وفاقي حڪومت سنڌ جا حق ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي. سنڌ جي وسيلن باوجود سنڌ جو مظلوم عوام مٽي جي ڳيهي لاءِ پريشان آهي. خوشحال سنڌ هجڻ باوجود سنڌ کي تباهه برباد ڪري نقصان پهچايو ويو آهي. آدمشماري جي ناڪي ۾ سنڌين کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي وڃي پئي. سنڌ ۾ غيرقانوني پرڏيهي مستقل آباد ڪيا وڃن پيا. پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت جي غلط حڪمراني ۽ پاليسين جي ڪري سنڌ ۽ عوام جي مفادن تحت ڪو به ترقياتي ڪم مڪمل نه ڪيو ويو آهي. برسات جي تباهڪارين جا متاثر ڌرتي واسي پنهنجي گهرن کان بي گهر ٿي بي يارو مددگار دربدر ڏکن سورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. لکين متاثرين جا اڃا پرچي نه سگهيا آهن. پر پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام جي ڏکن سورن جو ڪو به پرڇهلو نه ڪيو آهي نه وري سنڌي ماڻهن کان ورتل ووٽ جو احترام ڪيو آهي. سنڌ جي عوام جي ڏنل ووٽ سان پيپلز پارٽي نه صرف ويساهه گهاتي ڪئي آهي پر سنڌ دشمن منصوبن ۾ شامل ٿي سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جو حصو رهي آهي. پيپلز پارٽي مان سنڌ جي عوام کي هاڻي ڪا به چڱائي جي اميد نه رکڻ گهرجي. پيپلز پارٽي هميشه سنڌ کي فائدي ڏيڻ بجاءِ نقصان رسايو آهي. ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌين جا وسنديون شهر تباهي جو منظر پيش ڪري رهيا آهن. سنڌ جي اندر پاڻي بجلي گئس جي هزارين ڪرپٽ پيدا ڪئي وڃي ٿي آهي. سنڌ جي بجلي ٻين صوبن کي ڏني وڃي ٿي. سنڌ جي تيل گئس پيداوار وسيلن جي رائلٽي مان سنڌ کي اٽي ۾ لوڻ جو حق ملي رهيو آهي. جنهن جي ڪري هاڻي سنڌين کي پنهنجي قسمت بدلائڻ جو پاڻ فيصلو ڪرڻ پوندو. ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي کي شڪست ڏيڻي پوندي. 19 مارچ تي سنڌ جا ٿيوت پنهنجي راڄڌاني واري شهر ڪراچي پهچي قومي ٻڌي جو ثبوت پيش ڪندا. جڏهن ته اڄ رات قافلو ٽنڊو محمد خان جي ٽنڊوسائينداد پرسان بيت الشهيد تي رات گذارڻ بعد وري اڳتي روانو ٿيندو.

بقايا سنڌيار 05

سمون ۽ عورت اڳواڻ ندا ڪيريو بختاور جمالي بشيا ڪماري قمر النساء ٽالپر عابدا جمالي خورشيد ميڻ نجما انصاري ثمينا عباسي ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي عورت باشعور آهي جنهن جو هي مثال آهي ته اڄ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد تقريب ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ عورتن جي شرڪت آهي هن چيو ته عورت اسان جي سماج جو هڪ اهم حصو آهي ۽ قومن ۽ ملڪن جي آزادي ۽ ترقين ۾ به عورت جو مردن جي برابر ڪردار آهي هن چيو ته هن وقت عورت سجاڳ آهي ۽ هو پنهنجي محنت ۽ جدوجهد جي وسيلي ثابت ڪري چڪي آهي ته هاڻ هو مظلوم نه آهن هن چيو ته اسان جي دين سميت سمورن مذهبن ۾ به عورت کي وڏو مقام حاصل آهي ۽ قرآن شريف ۾ به الله پاڪ عورتن جي حقن کي تحفظ ڏنو آهي ان موقع تي تقريب ۾ شريڪ هندو برادري جي عورتن خصوصي طور تي عورتن جي آزادي تي ٽيبلو پيش ڪيو.

بقايا سنڌيار 06

سلسلو دستار فضيلت ٿي گذريو جنهن ۾ هن سال فارغ ٿيندڙ 13 حافظ القرآن دستاربندي جي سعادت حاصل ڪئي جلسي ۾ علائقي جي معززين مقصود احمد سومرو ايس ايس پي رفيق احمد چاچڙ حاجي سلطان احمد خان مهر درگاهه عاليه بگوشير بادشاهه جا سجاده نشين ميان محمد عابد حسين انيڙ شاهد حسين خان مهر اڪبر علي خان مهر سميت ڪثير تعداد ۾ عوام اهلسنت ۽ جماعت شرڪت ڪئي صدارتي ۽ خصوصي خطاب خطاب لاجواب نامور عالم دين مفتي حبيب الله سڪندري صاحب جن ڪري فرمايو پاڻ حضور ڪائنات صه حافظن جي فضيلت قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ بيان فرمايو قرآن پاڪ ۽ حديث جي روشني ۾ محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جو شان ۽ علماء ۽ حفاظ ڪرام جي فضيلت ٻڌائي ۽ وڌيڪ خطاب ڪندي چيو ته اسان خوشنصيب آهيون جو نبي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفي جا پوئلڳ ۽ امتي آهيون جنهن کي رب پاڪ جي بابرڪت ذات معراج تي پاڻ گهرائي ديدار ڪرايو هن چيو ته اسان کي گهرجي ته اسان نبي پاڪ جي ڏسيل وات تي هلون جلسي جي آخر ۾ دعا خير گهري وئي جلسي ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي انهي موقعي تي لنگر جي ماني به ورهائي وئي.

بقايا سنڌيار 07

پيش ڪيا، جنهن ۾ آبپاشي کاتي جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ويو ته اسان جا مطالبا ٻڌا ۽ انهن کي جلد حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ نام نهاد يونين اڳواڻ مسلسل اسان جي آفيسن خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري رهي آهي، اسان کي بليڪ ميل ڪري اسان جي خلاف ليٽر جاري ڪري اسان کي گاريون ڏئي رهيو آهي، انهن چيو ته مزدور يونين خلاف ٿيل جاري ليٽر کي فوري طور تي رد ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 08

شيخ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو. ان موقعي تي هن چيو ته رمضان المبارڪ رحمتن جو مهينو آهي. ان ڪري اسان سڀني کي گهرجي ته غريب عوام کي عام استعمال جون شيون مناسب اگهن تي فراهم ڪريون. هن سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو روزاني جي بنياد تي مارڪيٽن جو دورو ڪن ۽ جتي به قانون جي ڀڃڪڙي ٿيندي نظر اچي انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته سمورا دڪاندار پنهنجي دڪانن تي مقرر ڪيل قيمتن جي فهرست نمايان جڳهه تي لڳائين ته جيئن عام گراهڪ سمجهي سگهن ته هي شيون ڪهڙي درجي ۽ قيمت سان تعلق رکي ٿي. هن چيو ته اسسٽنٽ ڪمشنر سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ ۾ نيلامي جي عمل کي به روزاني جي بنياد تي مانيٽر ڪري ۽ رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ جمع ڪرائي. هن چيو ته رمضان المبارڪ جو احترام ۽ قانون جو احترام اسان سڀني تي لازمي آهي. هن وزن ۽ ماپ تول کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو روزانو بازارن جو دورو ڪن ۽ ماپ ۾ گهٽتائي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. ان موقعي تي واپاري تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجون تجويزون پيش ڪيون ۽ ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو. دال مسور 255، دال چنا 235، دال مونگ 280، دال ماش 200، دال ماش 425، چنا اڇو سنڌي 300، چنا ترڪي 9 ملي ايم 360، چنا 12 ايم ايم 460، بيسن 250، چانور 86 200، چانور يونيورسل 335 رپيو، سپر ڪرنل 335، چانور جوهي 240، ڪاڪنات منٽ 250، چانور اري 140، ميدا 140، تيل 142، ڳاڙهي مرچ پائوڊر 600، ڏاڻي جو پائوڊر 420، ترمر 400، اڇو ڪريم 50 گرام 80، ڪريم بيلڪ پلائو جيري 110 گرام، 50 گرام، وڏي 110 رپيا في من ٻڪري جو گوشت 1270، کير 160، ڏڌ 180، مڇي 320، 410 ڪلو کان وڌيڪ، 2 ڪلو کان وڌيڪ 450، گدو 120، برف 6 في ڪلو.

بقايا سنڌيار 09

رڌ پچاءِ دوران گئس سلينڊر ڦاٽڻ سان قاتي پيو هو جنهن جي نتيجي ۾ ڏاڙولڳ ڳوٺ صديق سومرو جي رهواسڻ ناري رابيعه سومرو سڙي سخت زخمي ٿي پئي هئي. ناري جو 60 سيڪڙو جسم سڙي وڃڻ ڪري ڪيس سول اسپتال ڪراچي جي برنس وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو جتي اسپتال ۾ داخل ناري زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي. فوت ٿيل ناري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. فوت ٿيل ناري رابيعه سومرو ڪي ٽه ٻارن جي اولاد نه آهي.

بقايا سنڌيار 10

شادي تقريب کي معاشري لاءِ ڪارآمد قرار ڏنو آهي. اڳواڻن چيو ته ضلعي جي برساتي ٻوڏ متاثر علائقن سان تعلق رکندڙ جوڙن جي واهر ڪرڻ اسان جو فرض ۽ شمار آهي. چيو ته اسان جي معاشري ۾ شاديون گراخرچ ڪري رسمن طور ٿين ٿيون جن کي ختم ڪري اسلامي طور طريقي سان ڪرڻ گهرجن. هن چيو ته رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم پنهنجي اڪيلي نياڻي بي بي فاطمه سلام الله عليها کي تمام گهٽ ۽ ضروري استعمال لاءِ سامان ڏاج ڏئي اسان کي سبق ڏنو ته سادگي اختيار ڪريو ۽ شادي آسان ۽ سولي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. چوڻ آهي منهنجي سنت آهي. تقريب ۾ مولانا محمد يوسف حسيني سيد علي نقي اعجاز ممتائي، سيد اظهار حسين ڪاظمي مولانا خادم حسيني مولانا غلام شبير ترابي مولانا مرتضي حسين مولانا اشفاق حسين ۽ ٻين خصوصي شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 11

اڳواڻن سان ملاقات ڪئي. جنهن ۾ ملڪ جي موجوده سياسي ۽ پارٽي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. انهي موقعي تي پريس ڪانفرنس ڪندي هڪ سوال جي جواب ۾ خرم شير زمان چيو ته موجوده نااهل حڪمرانن ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي ڊالر جي اڏام جاري آهي جيڪو هن وقت 300 روپين ڏانهن پهچي چڪو آهي جڏهن ته پيٽرول 275 روپين جو ملي رهيو آهي نااهل حڪمرانن جي غلط معاشي پاليسين جي ڪري مهانگائي سبب ملڪ جي غريب عوام جي جيڪا جهڙي ڪئي وئي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ خرم شير زمان ۽ ڊاڪٽر عمران شاهه چيو ته مريم نواز جنهن جو نالو انهن پاران ملڪا پٽورستان رکيو ويو آهي، اها عمران خان خلاف سڄو ڏينهن بڪواز ڳالهائيندي رهي ٿي جڏهن ته سندس پيءُ شهنشاهه پٽورستان عدالتن ۾ ڪوڙ ڳالهائيندي 50 روپين جي اسٽيمپ پيپر تي گڏڻ ۽ ڪوٽن ڀڄي لڪي ويٺو آهي ۽ گرفتاري جي ڊپ کان ڏيهه ناهي اچي رهيو جڏهن ته عمران هڪ شينهن جيان هن ملڪ ۾ سياست ويلو ڪري جڏهن ته ملڪ جي عوام کي خبر آهي ته هن وقت پاڪستان جي مسئلن جو حل صرف عمران خان پاڪستان تحريڪ انصاف وٽ آهي لاهور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪن شهيد ڪيل ڪارڪن ظلي شاهه جي شهادت بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ پارٽي اڳواڻن چيو ته جنهن طريقي سان اسان جي ڪارڪن کي پوليس جي تشدد ۾ شهيد ڪيو ويو آهي اهڙو ڪارنامو بدترين آمريت ۾ ناهي ٿيندو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ملڪ جا هاڻوڪا حڪمران ٻن ٽڪن ۾ چونڊون ڪرائڻ کان ڀڄن ٿا سپريم ڪورٽ جي حڪم جي باوجود پنجاب ۽ ڪي پي صوبن ۾ اليڪشن نه ڪري توهين عدالت ڪري رهيا آهن ڇو ته کين خبر آهي ته اگر اليڪشن ٿي ته شڪست سندن مقدر بڻجندي، هو چاهي ڪيترو به ڀڄڻ چاهين، جڏهن به چونڊون ٿينديون انشاءالله پي ٽي آئي ملڪ ۾ به ڀاڱي ٽي اڪثريت سان اليڪشن کٽندي هڪ سوال جي جواب ۾ اڳواڻن چيو ته چونڊن دوران عمران خان سنڌ ۾ اچي چونڊ مهم هلائيندو ۽ انشاءالله سنڌ ۾ به ايندڙ حڪومت پي ٽي آئي جي هوندي انهي موقعي تي يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو نائب صدر جاويد لطيف ميمڻ - سيد امجد شاهه جنرل سيڪريٽري پي ٽي آءِ ٽنڊو ايڊووڪيٽ هوش محمد عباسي آصف راجڙ سائين جاويد درس - ذوالفقار ذوالفقار ڳاهو ساجد جوکيو غلام مصطفيٰ چانڊيو - وقار احمد ميمڻ راحيل هالو - مراد ساٿي رومين رنگ ضلعي نائب جي صدر شهناز بلوچ ايڊووڪيٽ علي حسن ملاح پڻ موجود هيا دوري دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ خرم شير زمان - ڊاڪٽر عمران شاهه ۽ سنجي گنگوائي سول اسپتال تي جو اچڻ جو دورو پڻ ڪيو.

بقايا سنڌيار 12

جنهن وقت ٻارڙا اسڪول ۾ پڙهي رهيا هئا. متاثر ٻارڙن جي وارثن پاران دادو پريس ڪلب اڳيان ماستر گوپالي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته ماستر شاهنواز عرف پڙهو پنهور خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 13

منشيات عام ٿيندي پئي وڃي اسان جو 70 پرسن نوجوان نشي جو عادي ٿي چڪو آهي. هي نوجوان اسان جي مستقبل جا معمار آهن. نوجوان سفينا شراب ۽ آئس جي نشي کان پاسو ڪرڻ گهرجي. پروفيسر سائين زوهيب ميمڻ خطاب ڪندي چيو نشي کي اسلام ۾ بڻ حرام قرار ڏنل آهي ۽ اسان جي نوجوان کي گهرجي ته نشي بجائي الله پاڪ جي عبادت ڪن جيئن جو حڪم ٿيل آهي. پروفيسر خادم درس چيو ته اڄڪلهه اسان جي علائقن ۾ سفينا، چرس، آئس، ڪچو شراب پنگ جو نشو عام جام ٿين ڪري اسان جو اڪثر نوجوان نشي جو عادي بڻيل آهي. نشو اسان جي زندگين جو دشمن آهي. خاص ڪري نوجوانن کي نشي واري لعنت کان نجات ڏيارڻ لاءِ اسان اڄ هي آگاهي مهم تحت سيمينار ڪرايو آهي. پروفيسر غلام شاهه چيو ته نشو انساني جان جو دشمن آهي. اسان جي نوجوان کي نشي کان پري گذارڻ گهرجي. تعلقا اسپتال جي سينئر ڊاڪٽر وقار احمد ميمڻ سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته آئس، سفينا، چرس، ڪچي شراب سميت پنگ جي استعمال سان اسان جي وات ۽ چالين ٿيڻ ۽ انسان پاران ڳاڙهو نه ڪائڻ ڪري رت جي ڪوٽ سان گڏ ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري جنم وٺي ٿي. هن چيو ته ڪراچي جي اسپتال ۾ وڃي ڏسو ته 100 مريض داخل ٿيل هوندو جيئن مان 90 پرسن ماڻهو ڪينسر جي بيماري ۾ مبتلا هوندا. اسان جي نوجوان نسل کي نشي بجائي بهتر کاڌا استعمال ڪرڻ گهرجن جنهن سان صحت بهتر رهندي ۽ انسان جو رت پڻ وڌندو. نوجوانن اسان جو مستقبل آهي. ڪوشش ڪري سڀئي شاگرد نشي کان بچائو واري هن آگاهي مهم جو ڀرپور حصو وٺن. هن چيو ته نشو اسان جي تباهي جو سبب آهي. هن وقت سنڌ سميت بدين ضلع خاص ڪري اسان جي تعلقي ۾ ڪچو شراب، مين پڙي، آئس ۽ سفينا جو وڪرو چوٽ تي آهي. جتي اسان جو 70 پرسن ماڻهو جيئن ۽ نوجوان نيڪي جي اڪثريت آهي جيڪي نشو استعمال ڪري پنهنجي زندگين سان کيڏي رهيا آهين. انهي لاءِ اوهان ۽ اسان کي گڏجي نشي خلاف آگاهي مهم ۾ ڪم ڪرڻ پوندو. مير غلام محمد ڏگري ڪاليج جي پرنسپال سائين امتياز احمد ڪمبراڻي خطاب ڪندي چيو صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، سيڪريٽري ايجوڪيشن ۽ اسان جي ڊائريڪٽر صاحبان جي حڪم تي اڄ اسان جي ڪاليج اندر شاگردن طوري شاگردياڻين کي نشي کان بچائو لاءِ آگاهي مهم سيمينار ڪرايو آهي. شاگرد جيڪو اسان جي آئندي جو سرمايو آهي انهي کي نشي کان پاڪ رکڻ لاءِ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ هي سيمينار رکيو آهي. جيئن اسان جو موجوده نسل منشيات کان بچي سگهي. اسان جو شاگرد ۽ شاگردياڻي تي اهو فرض ٿو ٿئي ته هو نشي کان بچائو واري آگاهي مهم ۾ اسان جو ساٿ ڏين ۽ پنهنجن علائقن ۾ نشي واپرائڻ سان پوندڙ اثرات بابت عام ماڻهو خاص ڪري اسان جي نوجوان کي آگاهه ڪن. اسان جو نوجوان نسل نشي ۾ تباهه ٿي رهيو نشي کان بچڻ لاءِ آگاهي مهم تحت ٽنڊو باگو جي مير غلام محمد ٽالپور ڏگري ڪاليج ۾ هڪ سيمينار ٿي گذريو جتي ڊاڪٽرن استاد شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سيمينار کي پروفيسر معاذ رستماڻي، فاروق آرائين، خادم درس، زهيب ميمڻ، غلام رسول شاهه، شاگردن محمد ڪيف قمبراڻي، محمد رمضان بخاري، شاهه رخ خواجه، ارسلان انصاري، عبدالسلام رستماڻي، حاجرا قمبراڻي، اسرا جت ۽ ٻين شاگردن استادن ۽ والدين خطاب ڪيو.

بقايا سنڌيار 14

جتي بدين جي لکين شهرين کي صاف پاڻي صفائي روشني سميت ٻيون بنيادي سهوليتون ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي اتي شهر ۾ رولوڪتن جو آزار به ختم نه ڪري سگهي آهي جنهن جي ڪري شهر جي هر وارڊ ۾ ڪتن جا وڪر هلي رهيا آهن جن جي طرفان ڏاڙهڻ جي ڪري ڪيترائي شهري زخمي ٿي انڊس اسپتال پهچا ٿيا آهن شهرين محمد رفيق قاضي عبدالقادر ميمڻ شهباز ميمڻ ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته ميونسپل ڪميٽي بدين کي هر مهيني اڍائي ڪروڙ گرانٽ ۽ آمدني آهي ان هوندي شهري صاف پاڻي صفائي رات جي وقت اسٽريٽ لائيٽ ذريعي روشني کان محروم آهن ۽ هاڻ مڇر مار اسپري ۽ ڪتا مار فنڊ به هڙپ ڪيو پيو وڃي جنهن جي ڪري ڪتا هر روز شهرين کي پيا پٽين هن ڊي سي بدين آغا شاهنواز بابر کان مطالبو ڪيو ته بدين ۾ ڪتا مار مهم شروع ڪرائي فوري مڇر مار اسپري ڪرائي شهرين تان آزار ختم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

قاتلن جي ڪٽهڙي ۾ ضرور بيهاري ها وڌيڪ شهيد جي وارثن محمد جمن جعفري گل حسن جعفري شاهه بيگ جعفري محمد عظيم جعفري ۽ ٻين احتجاج ڪرڻ بعد ميڊيا کي ٻڌايو ته شهيد جي ڪيس ۾ نامزد جوابدار ايس ايڇ او شبير پيو وڏو منشي ڪي بي ڏاهاڻي ۽ ٻيا اهلڪار ايس ايس پي ڪشمور جا خاص گارڊ بڻيل آهن جن کي ايس ايس پي جي پلپرائي حاصل آهي قاتل اسان کي مختلف طريقي سان ڌمڪائي اسان کي ڏاهه لاءِ زور ڀرين ٿا پر اسان ڪڏهن به انهن قاتلن کي بخش نه ڪنداسين انصاف خاطر اسان عدالت سگهوري ۾ پٽيشن درج ڪرائي آهي ۽ عدالت سگهوري مان اسان کي انصاف جي اميد آهي شهيد جا ٻچا روزاني صبح جو اٿي پنهنجي بابا کي سڏڪا ڀري سارين ٿا جن جون آهون ٻڌي اسان جو هانءُ ڦاٽي پئي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن صوبائي وزير مير شبير علي بجاراڻي سچائي ڏيکاري ته قاتل هڪ ڪلاڪ اندر لاڪپ ۾ هوندا اسين چيف جسٽس آف پاڪستان سميت وزير اعلي سنڌ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين اعلي اختيارين کان پرزور مطالبو ڪريون ٿا هو پاڻ مرادو نوٽيس وٺي شهيد جي ٻچڙن سان انصاف ڪن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو اڃا وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 16

خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ هارين جي هاريپي واري حق نه ڏيڻ ۽ سنڌن هاريپي واري فصلن کي پيل ڪرائي لکين روپين جو فصل ڊريڪٽر ٽرائين ذريعي ڪيڙي ڪرايل نقصان تي هاري ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ محمد اسلم خاصخيلي، محمد خاصخيلي، مير حسن سليمر، محمد عارب، حيات لغاري، لالو هاليپوٽو، مسمات حوا، مسمات رحمت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي ٽنڊو محمد خان روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. هارين چيو ته ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي سپريڊنٽ علي جان ملڪ جي چارج وٺڻ سان ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ اعلى نسل جي ڍڳين جو نسل ختم ٿي رهيو آهي. ڍڳين ۾ بيمارين ٿي رهيون آهن. ڍڳين کي گاهه ڏارو ڏيڻ بجاءِ سڪل گاهه ڏيئي ڪاڻا خوراڪ ڏاڻين محدود رکيو آهي. ڍڳين جي پيئڻ لاءِ پاڻي به صاف فراهم نه ڪيو وڃي ٿو. اتي قدر جو ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي هارين کي ڏنل زرعي زمين مان هارين کي سندن هاريپي جي حق کان محروم ڪيو وڃي پيو. هارين جي هاريپي واري فصلن کي ٽريڪٽر ٽرائين سان پيل ڪري فصلن کي نقصان رسايو ويو آهي. پنهنجي حق وٺڻ تي هارين کي پنهنجي قديم ڳوٺن ۽ وسندين مان بي دخل ڪرڻ لاءِ مسلسل حملا ڪرايا وڃن پيا. علائقي ۾ ڌرهاري قسم جي ماڻهن جي آمد ڪرائي علائقي کي جنگ جو ميدان بڻايو ويو آهي. ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي سپريڊنٽ علي جان ملڪ پاڻ کي پاورفل آفيسر سڏائي هارين کي قتل جون ڌمڪيون موڪلي رهيو آهي جنهن جي ڪري هاڻي هاري پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. هارين کي پنهنجا حق نه ڏنا ويا ته هاري هاڻي خاموشي اختيار نه ڪندا. هرحالت ۾ ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي ڪرپٽ راشي سپريڊنٽ کي فوري طور سنڌس عهدي تان برطرف ڪري هارين کي پنهنجا حق ڏيارايا وڃن. ٻي صورت ۾ هاري احتجاج کي جاري رکندي [illegible]

بقايا سنڌيار 17

آهن جڏهن ته ڏڪر سميت پرپاسي جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪندو پيو وڃي. شهر ۾ منافع خورن ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙ واپارين اٽو چوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن. سجاول جي ضلعي انتظاميا جي بي ڌياني سبب اٽي سميت ٻين کاڌي پيتي جي شين جي سرڪاري لسٽ به جاري نه ٿي سگهي آهي ان سلسلي ۾ پ پ جي سابق ايم اين اي ارباب وزير احمد ميمڻ خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته ايمپورٽيڊ ڪمن ۾ رهندڙ حڪمرانن کي اٽي جي اڳ ۾ بي مهانگائي جي ڪهڙي خبر!! عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي. پي ڊي ايم حڪومت کي گهرجي ته غريبن تي رحم کائي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي. واپاري اڳواڻ حافظ محمد ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته 9 مهينن ۾ رڪارڊ مهانگائي ٿي آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته ملز وارن کي سبسڊي ڏيڻ بدران مختلف شهرن ۾ اٽي گيهه آٽل ۽ ٻين شين جا سرڪاري اسٽال لڳائي عوام کي رليف ڏنو وڃي. سينئر صحافي اعجاز اختر ميمڻ محمد اسلم سومرو، شهري طاهر سومرو ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو: حڪمرانن عوام جي وات مان ماني جو ڳراهه کسي ورتو آهي. اٽي، کنڊ، گيهه ۽ ٻين شين جا اگهه چوٽ چڙهڻ سبب عام ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو سخت پريشان آهي حڪمران هوش کان ڪم وٺن. عوام کي مهانگائي مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. ملڪ ۾ مهانگائي وڌڻ سبب سمورين شين جون قيمتون بلند ترين سطح تي پهچي ويون آهن. جڏهن ته اٽي جي قيمتن ۾ اضافي سبب پورهيت طبقي لاءِ هڪ وقت جي ماني به مشڪل ٿي وئي آهي.

بقايا سنڌيار 18

جو گهريا انٽي وڌيڪ مليل ڄاڻ موجب پوليس اهلڪار عبيدالله ميراڻي قرض جا پئسا گهرڻ تي گهر ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪري اسان جي عزت ۾ هٿ وڌو آهي ڳوٺاڻن دين محمد ميراڻي سنڌس زال ۽ ٻين ڏکهيندي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جا پئسا پوليس اهلڪار مٿان قرض هئا اسان پئسا گهريا ته پوليس اهلڪار ڌمڪيون ڏيڻ بعد گهر اندر داخل ٿي تشدد ڪئي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيئي هليو ويو اسان جي عورتن کيس قرآن پاڪ ڪتاب جا واسطا پڻ ڏنا پر هو نه مڙيو ۽ اسانکي مارڪٽ ۽ گاريون گند ڏيڻ لڳو هنن ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون ۽ ٻين اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اهڙي بدمست اهلڪار خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي نه ته اسان احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 19

سپه سالار کي هڪدم نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ ملوث منشيات فروشن ۽ سنڌن سهولتڪارن خلاف تڪڙي قانوني ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن هزارين انساني قيمتي جانيون زهريلي نشي واپرائڻ کان بچي سگهن ذريعن موجب موبا ۽ ستر موري ۾ منشيات جو ڳڙهه بڻيل آهن پر حد جي پوليس انهن منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي ياد رهي ته وڪرو ٿيندڙ منشيات فروشن ۽ ڊيلرن کي پوليس سميت اندروني سياسي پشڀرائي پڻ حاصل رهي آهي ۽ پوليس ڪارروايون ڪرڻ بدران منشيات فروشن جي پاڻهن ٻيلي مددگار رهي آهي جنهن جي ڪري اهڙو زهريلو ڪاروبار سرعام وکر جيان وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته موبا سميت آس پاس جي علائقن ۾ هزارين ڪچي شراب جون ڀٽيون پڻ پوليس جي ملي ڀڳت سان هلي رهيون آهن جنان شام جي وقت ٻلي سالگ موٽرسائيڪلن تي شراب جا ڪتا ڪلي مختلف جاين تي بنا ڪنهن قانوني رڪ جي وڪرو ڪرڻ ۾ رڌل آهن پر لاڳاپيل انتظاميا منشيات فروشن خلاف ڪنهن به قسم جي عملي قانوني ڪارروائي ناهي ڪري سگهي جنهن سبب روز بروز منشيات جي واهپي ۾ ڪمي ٿيڻ بدران اضافو ٿيندو پيو وڃي جنهن سان ڪافي سماجي برايون جنم وٺي رهيون آهن ۽ ٻي طرف چورين ڦرن سبب شهر جا حالات پڻ خراب ٿيندي نظر اچي رهيا آهن جنهن سان مقامي رهواسي وڏي خوف واري زندگي گذاري رهيا آهن مقامي رهواسين آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد منشيات فروشن ۽ سنڌن سهولتڪارن جي خلاف فوري طور تي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 20

ٽنيو عاشق ٿهيم غلام علي بليدي مبارڪ پٽي محمد علي شيخ شبير چانڊيو علي بخش لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي جن ڊجيٽل آدمشماري خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته پي ڊي ايم ۽ پ پ سرڪار جيڪڏهن آدمشماري کي ملتوي نه ڪيو ته سنڌ ڪڏهن به انهن نتيجن کي تسليم نه ڪندي هن وڌيڪ چيو ته ڌاري آبادڪاري سبب سنڌ جو معاشي استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ پرڏيهي آبادڪاري سان گڏ سنڌ جي امن امان مڪمل تباهه ٿي چڪو آهي هاڻي سنڌ کان سنڌ جي حق حاڪميت کسڻ جي لاءِ وري سازشي آدمشماري ڪرائي پئي وڃي هن چيو ته آدمشماري صرف ماڻهن جي ڳڻپ جو مسئلو ڪونهي پر سنڌ جي وجود قومي بقا ۽ سنڌ تي سنڌين جي حق حاڪميت جو مسئلو آهي جي حڪمران آدمشماري ذريعي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري سنڌ ۽ ان جي وسيلن تي دائمي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هن مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور آدمشماري کي ملتوي ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي خدشن کي نظر ۾ رکندي نئين سر رٿابندي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 21

جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ته بدلي ۾ وري اسڪول انتظاميه به احتجاج ڪيو ۽ شاگردن کان فيس واپسي ملڻ جو وڊيو بيان ڏيارايو ويو، ڇا هي اسڪول انتظاميه جو عمل درست چئبو، سچو الزام سلطانپور جي ميڊيا تي مڙهيو ويو ۽ ميڊيا کي ڪرپٽ ۽ صحافين کي به ڪرپٽ چيو ويو. سوال اهو آهي ته اسڪول انتظاميه سلطانپور جي صحافين کي ڪرپٽ ثابت ڪري يا وري صحافي اسڪول انتظاميه کي ڪرپٽ ثابت ڪن. هن سماج ۽ معاشري ۾ جيڪو حق سچ ڳالهائي ۽ ناانصافين بابت دانهن ڪوڪ ڪري ته اهو به ڪرپٽ سڏجي ٿو. افسوس، ڊائريڪٽر سکر ريجن سکر پاران معاملي جو نوٽيس وٺي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر کي موڪلي مسئلو حل ڪرايو ويو جيڪو ڊائريڪٽر صاحب جو قدم ساراهه جوڳو ۽ بهترين عمل چئبو پر تنهن باوجود به شاگردن کان فارم نه ورتا ويا. مطلب ته اسڪول انتظاميه ڊائريڪٽر ڊي اي او ۽ ٽي اي او جي حڪمن کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو.

بقايا سنڌيار 22

آجيان، گلن جي ورکا، قومي گيتن تي ڪارڪنن جون جهمريون. خبر موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان سکر کان ڪراچي ڏانهن سنڌ مارچ پيادل قافلو سنڌ دشمن منصوبن، سنڌ ۾ پ پ جي صوبائي حڪومت جي غلط حڪمراني، بيروزگاري، ڊجيٽل آدمشماري، ڌارين جي آبادڪاري سان گڏ سمورن سنڌ جي خلاف منصوبن تي پيادل مارچ ڪندي ٽنڊو محمد خان مان بلڙي ڏانهن اڳتي روانو ٿيڻ بعد بلڙي شاهه ڪريم جي آبادگار چوڪ پهچي ويو. جتي منعقد ڪيل جلسي کي ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ روشن برڙو، امير آزاد پنهور، عيڏن جاگيراڻي، ذوهيب لاکو، بابل لطيف ڪوسو، حاڪم مستوئي، اصغر سولنگي، خدابخش ٿيبو، زين پٺو، زيب جتوئي، دريا خان لغاري ۽ ٻين چيو ته پ پ جي صوبائي حڪومت جي غلط حڪومتي پاليسين ۽ منصوبن سنڌ کي گذريل ڏهاڪن کان تمام وڏو نقصان رسايو آهي. بلڊرز قبضا مافيا سنڌ جي ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جون زمينون پلاٽ وسندين تي غيرقانوني قبضا ڪري پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪندي اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي آهي. سرڪاري کاتن واري زمين پيلن توڙي پلاٽن تي قبضا ڪيا ويا آهن. سنڌ جو پاڻي بند ڪرايو ويو آهي. سنڌ جي پيداوار وسيلن جي لٽ مار ڪرائي وئي آهي. سنڌ ۾ ڌارين کي غيرقانوني آباد ڪرايو ويو آهي. سمورن سنڌ جي وحدت خلاف سنڌ دشمن منصوبن تي پيپلز پارٽي وفاق توڙي صوبي ۾ اسيمبلين جي اندر خاموش رهي پنهنجا اقتداري مفاد حاصل ڪيا آهن. وزارتن کي قائم رکڻ لاءِ سنڌ جو نقصان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي وجود خلاف مسلسل سنڌ دشمن منصوبن ذريعي سازشون ڪري ناانصافين جي انتها ڪئي وئي پئي. نئين ڊجيٽل آدمشماري جي ناڪي ۾ ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو سنڌ دشمن منصوبو ناهيو ويو آهي. پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت جي غلط حڪمراني ۽ پاليسين جي ڪري سنڌ ۽ عوام جي مفادن تحت ڪو به ترقياتي ڪم مڪمل نه ڪيو ويو آهي. برسات جي تباهڪارين جا متاثر ڌرتي واسي پنهنجي گهرن کان بي گهر ٿي بي يارو مددگار دربدر ڏکن سورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. لکين متاثرين جا اڃا پرچي نه سگهيا آهن. پر پيپلز پارٽي سنڌ جي عوام جي ڏکن سورن جو ڪو به پرڇهلو نه ڪيو آهي نه وري سنڌي ماڻهن کان ورتل ووٽ جو احترام ڪيو آهي. سنڌ جي عوام جي ڏنل ووٽ سان پيپلز پارٽي نه صرف ويساهه گهاتي ڪئي آهي پر سنڌ دشمن منصوبن ۾ شامل ٿي سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين جو حصو رهي آهي. جنهن جي ڪري هاڻي ڌرتي واسي پنهنجي ڌرتي جي مالڪي جي حفاظت لاءِ پاڻ سکر کان پيادل مارچ ڪري 19 مارچ تي ڪراچي پهچي پنهنجي قومي تشخص وجود کي بچائڻ لاءِ پنهنجو آواز عالمي سطح تي بلند ڪندا. ٿيندڙ ناانصافين جو سلسلو ختم نه ڪيو ويو ته سڄي سنڌ سراپا احتجاج ۾ تبديل ٿي ويندي. هاڻي سنڌ سان ناانصافي ڪندڙ پيپلز پارٽي سميت سنڌ دشمن قوتن کي سنڌ جي مالڪي جو حق ڪنهن به صورت ۾ نه ڏنو ويندو. سنڌ جو عوام پنهنجي ڌرتي جي پاڻ مالڪي ڪري سنڌ دشمن منصوبن کي هاڻي برداشت نه ڪندو. جڏهن ته سنڌ مارچ پيادل قافلو آبادگار چوڪ تي جلسي ڪرڻ کانپوءِ سيد بشير شاهه جي ڳوٺ ڏڏا سائين ۾ رات ترسڻ بعد جنهن کانپوءِ ڪراچي ڏانهن سفر اڳتي جاري رکندو.

بقايا سنڌيار 23

گلنار عطاري سميت مختلف ادارن جا آفيسر پڊعيدن پهچي ويا ۽ برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام سميت برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام جو جائزو ورتو مختلف ڳوٺن ۽ پاڻي جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر امداد صديقي ۽ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته نوشهروفيروز جو سڀ کان وڌيڪ متاثر شهر پڊعيدن ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ گذريل برسات دوران 1800 جي لڳ ڀڳ متاثر ٿيا آهن وقت بوقت دعوت اسلامي FGRF هيلپنگ هينڊ ۽ ٻين فلاحي تنظيمن سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ ان کي وڏي پيماني تي رليف فراهم ڪيو ۽ اڄ به اسان سان گڏ آهن. هن چيو ته ايف جي آر ايف پاران نوشهروفيروز ۽ خيرپور ضلعن جي ٻوڏ وارن علائقن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڊيزل ۽ مشينري فراهم ڪئي وئي آهي جنهن ذريعي اسان پاڻي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون ۽ ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هيٺاهين وارن علائقن مان پاڻي نيڪال جو عمل مڪمل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 24

بيماري بستري تي ڪراچي اسپتال ۾ علاج هيٺ داخل آهي جتي سندس علاج هلندڙ آهي پر سندس صحت ۾ سڌارو ناهي اچي سگهيو پاسي سندس وارثن چيو آهي ته رياض ٻاٽي آرٽسٽ هئڻ سان گڏوگڏ سٺو ملهه پهلوان به آهي پرهن وقت بيماري سبب بستري تي آهي هنن چيو ته سنڌ سرڪار ۽ ثقافت کاتي کان مطالبو ڪريون ٿا ته رياض ٻاٽي سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي جان بچائي وڃي.

بقايا سنڌيار 25

ويندڙ قلندر جي پانڌيئڙن جي مزدا گاڏي ناءِ راڄ ٽڪر سبب ڪلٽي ٿي پئي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سميت 25 کان وڌيڪ پانڌيئڙا زخمي ٿي پيا زخمين کي حسوا ايمبولينس جي ذريعي ڪنڊيارو ۽ هالاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي جتي حامد فضل ابرار ۽ سليمر کي ڳڻتي جوڳي حالت سبب ڪمبٽ ريفر ڪيو ويو جڏهن ته قومي شاهراهه تي شاهه جمال پيٽرول پمپ پرسان مزدا گاڏي جو ٽائر نڪرڻ سبب مزدا ڪلٽي ٿي پئي نتيجي ۾ مزدا ڊرائيور سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي حسوا ايمبولينس جي مدد سان اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي ٿيل اسلم عبدالسعيد سميت ڄڻن کي طبي امداد ڏيڻ بعد نواب شاهه ريفر ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 26

چيو آهي ته پرسر ڪالوني جي بااثر زميندار حاجي لعل خان بلوچ اسان کي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي اسان جا هاريپ جا اڍائي لک روپيه هڙپ ڪري ويو آهي ۽ هلندڙ آبادي تان پڻ بي دخل ڪري لڏائي ڇڏيو آهي هن چيو آهي ته اسان ٻن سالن کان زميندار حاجي لعل خان بلوچ جي هاري آهيون [illegible] سمورو حساب ڪتاب ڪرڻ بدران [illegible] هن چيو آهي ته اسان وٽ هلندڙ آبادي جون پرچيون ۽ سمورو حساب ڪتاب جو رڪارڊ موجود آهي جن ۾ اسان جي اڍائي لک رپيه بچت آهي بچت گهرڻ تي گارگند ڪري اسان کي بي دخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو آهي ته اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيشن جج ٽنڊو ايس ايس پي ٽنڊو انساني حقن جي تنظيمن کان مطالبو ڪريون ٿا ته جلد از جلد نوٽيس وٺي بااثر زميندار حاجي لعل خان بلوچ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪري حساب ڪتاب وٺي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ بااثر زميندار خلاف احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 27

صدر ستار برڙو ضلعي بدين جي نائب صدر علي حيدر پنهور تعلقي ٽنڊي باگي جو صدر لڪڻو عمراڻي نائب صدر ميان خان ڪوسو جنرل سيڪريٽري ايوب پٽي جي اڳواڻي ۾ ڪوسڪي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري مين ٽر ڪرل روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقع تي هنن اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ڪوسڪي پوليس منٿليون رکي شهر ۾ منشيات جا اڏا هلائي پئي منشيات جا اڏا پ پ جي آ ڙ ۾ لڪل منشيات فروشن جا آهن جيڪي هر مهيني ايس پي بدين کي منٿلي ڏيو سرعام منشيات جو ڪاروبار ڪري نوجوان نسلون تباهه ڪري رهيا آهن هن چيو ته ڪوسڪي ٿاڻو وڏيرن جي چٺي تي هلي ٿو عام ماڻهو لاءِ ڪوسڪي ٿاڻو عذاب بڻيل آهي هن چيو ته شهر ۾ روز چوريون ٿي رهيون آهن پر چور نٿا گرفتار ٿين جنهن جا ڪارڻ پوليس چورن سان مليل آهي هن چيو ته ڪوسڪي شهر کان ڇه ڪلو ميٽرن تي آئي جي سنڌ پوليس جو اباڻو شهر ۽ گهر آهي ان هوندي به آئي جي سنڌ پوليس ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي مجبورن اسان شهري روڊن تي نڪري آيا آهيون هن سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي ته بدين ضلع کي منشيات ۽ بد امني جي وره چاڙهيندڙ پوليس عملدارن خلاف اعلي سطح جانچ ڪرائي منشيات ۽ چورن ذريعي ڪک پتي مان ڪروڙ پتي ٿيندڙ پوليس عملدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ بدين ضلع جي نوجوانن کي منشيات ۽ شهرين کي بدامني کان تحفظ ڏياريو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

لاءِ اعلي اختيارين کي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو طرفان منظور ڪيل قرار داد بعد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو جي صدر سيد اعزاز حسين شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مڪلي جو تاريخي قبرستان برابر اسان جو قومي ورثو آهي. جنهن جي مالڪي ٿيڻ گهرجي پر ساڳئي وقت مڪلي قبرستان ٺٽي ضلعي جي سوين خاندانن جو قديمي قبرستان پڻ آهي پر افسوس ڌاوڙ سنڌ حڪومت مڪلي جي قبرستان اندر ميت دفنائڻ تي پابندي لاڳو ڪندي قلم 144 لاڳو ڪري ميت دفنائڻ جي ڏوهه ۽ ايف آءِ آر درج ڪرڻ وارو سلسلو شروع ڪري ڏنو آهي. جيڪو عمل انتهائي مذمت جوڳو هجڻ سان گڏ مقامي آبادين سان به ناانصافي آهي. هن چيو آهي داسان ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٺٽو طرفان منظور ڪرايل قرارداد ۾ سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل سمورن ادارن کي خبردار ڪيو آهي ته مڪلي قبرستان ۾ مقامي آبادين جي تدفين بحال ڪري شهرين سان ناانصافي روڪي وڃي. مڪلي ٿاڻي تي تدفين جي ڏوهه ۾ سوڳوارن مٿان داخل ڪيسن جو سلسلو بند ڪري داخل سمورا ڪيس ختم ڪيا وڃن. ساڳئي وقت سنڌ سرڪار مڪلي جي وسيع تر قبرستان ۾ ٿيندڙ والار ۽ غيرقانوني قبضن ۽ اڏاوتن جو نوٽيس وٺي تاريخي ورثي کي محفوظ ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 29

باڊيءَ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي سول سرجن ۽ پي ايم اي سنڌ جي اڳواڻ خادم علي مگريو خصوصي خطاب ڪندي چيو ته اسپتال ۽ هن يونٽ باڊيءَ جو ڪردار ساراهه جوڳو رهيو آهي هتي پيراميڊيڪس جا جو موجود آهن جيڪي پنهنجي جائز مطالبن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن اميد ته هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جا سرواڻ پنهنجي مخلص ڪردار وسيلي جاکوڙ ڪندا رهندا ۽ پي ايم اي سنڌ ساڻن گڏ ڪم ڪندي رهندي اجلاس ۾ پيسا 2076 کي ختم ڪري هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ ۾ باقاعده اعلان ڪيو ۽ صوبائي ڪابينا تي مڪمل اعتماد ڪرڻ جو وچن ورجايو اجلاس ۾ محمد سعود بوهيو اشرف قريشي، اڪبر علي ميمڻ محمد سومر سومرو، امداد علي سولنگي، منظور سولنگي ۽ پيراميڊيڪس، سپورٽنگ اسٽاف سميت نرسنگ اسٽاف پڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

ڌرين جا ماڻهو زخمي ٿي پيا زخمين کي سول اسپتال دادو آندو ويو واضح رهي ته مذڪوره پلاٽ جو ڌرين ۾ مامرو ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي اطلاع آهن ته جهيڙي ۾ زخمي ٿيل زنئور برادري جو راڻو خان زنئور ۽ جڏهن ته ٻاگڙي برادري جو وسند ٻاگڙي ۽ سنڌس زال به زخمي ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن.

بقايا سنڌيار 31

خلاف شديد نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن رمضان جمالي اظهر بروهي شاڪر شاهه عامر مغيري ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ ڌاڙيلن جو راڄ آهي محسوس ٿئي پيو ته ڌاڙيلن کي پوليس جي سرپرستي حاصل آهي ڇاڪاڻ ته پوليس ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي روزانو ڏينهن ڏٺي ۽ رات جو گهرن مان پکا، سولر پليٽس، ڪيبن ڏوڙن ۽ سلائي وارين مشينن، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چور چوري ڪري کڻي وڃن ٿا ۽ ڪو به ڏوهاري قانون جي پڪڙ ۾ نه ٿو اچي جنهن سبب علائقي واسي سخت پريشان آهن ان آئي جي جاويد عالم اوڍو ۽ ايس ايس پي اوڍو کان مطالبو ڪريون ٿا ته ڏوهن کي ڪنٽرول ڪري امن کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 32

يوسي گليل لڳ ڳوٺ عرس سونهار جو 13 سالا اعجاز ولد محمد عارف سونهار جيڪو گذريل 7 سالن کان اسپتالن جا چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو پر سندس اڃان ڏاڻين مصنت علاج ناهي ٿيو ڪراچي جي مختلف اسپتالن ۽ هن پنڪوٽي جا پنڌ ست سالن کان هلندڙ آهن. آخر جناح اسپتال ڪراچي وارن کيس چيو آهي ته ٽي انجيڪشنون ٺرهان کي لڳنديون جيڪا هڪ انجيڪشن هڪ لک روپين جي لڳ ڀڳ آهي جيڪا انجيڪشن خريد ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه ناهي سنڌس والد محمد عارف سونهار ٻڌايو ته آئون مزدور ماڻهون آهيان مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪندو آهيان مون ٻني سني گهرجا ٿيڙ وڪڻي هن جي بيماري تي 18 لک خرچ ڪري چڪو آهيان هاڻي مون ۾ وسعت ناهي آئون پاڻ بيمار رهان ٿو. هن ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۾ گهر جي ڀاتين جو پيٽ پالڻ به وڏو مسئلو آهي تنهن ڪري هن ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ۽ ٻين سرنڌي وارن کان علاج لاءِ واهر جي اپيل ڪئي آهي!

بقايا سنڌيار 33

ڪميٽي پاران 74 لک جي پنج اسڪيمن جي منظوري ڏني وئي آهي جنهن ۾ ليبگوريج/ آءِ لائبريري بوائز هاءِ اسڪول ٽنڊو غلام علي لاءِ فرنيچر ۽ ٻيو سامان، پرائمري اسڪول ماتلي لاءِ فرنيچر، پرائمري اسڪول ٽنڊو باگو لاءِ فرنيچر، پرائمري اسڪول تلهار لاءِ فرنيچر ۽ ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين لاءِ طبي آلات خريد ڪيا ويندا گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ڏنو ملاح سينيئر ايڊمنسٽريٽر بو اي پي ڪاشف، اي اي او پرائمري قادر بخش ٽالپر ۽ ٻيا لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 34

محلن سميت ٻين علائقن ۾ گندو پاڻي گهرن آڏو بيٺل آهي جيڪو گهرن ۾ داخل ٿي رهيو آهي ان سلسلي ۾ علائقي واسين احتجاجي مظاهرو ڪندي ٻڌايو ته برسات ڪانپوءِ مسلسل سنڌن گهرن آڏو گندو پاڻي بيٺل آهي جنهن جي نيڪال ۽ نالين صاف ڪرائڻ لاءِ ميونسپل ڪاميٽي جي آفيسرن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪوئي به تدارڪ ناهي ٿيو هنن چيو ته گندو پاڻي بيهڻ سبب مڇر پيدا ٿي رهيا آهن ۽ مليريا سميت ٻيون بيماريون ڦهلجي رهيون آهن اسان جا ڪيترائي ٻارڙا بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن هنن ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي سنڌن گهرن آڏو بيٺل گندو پاڻي نيڪال ڪرائي مشڪلاتن کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 35

آرائين، غلام حسين ملڪ سميت شهري پڻ شريڪ ٿيا ان موقعي تي سيتا سرڪشهارفورم جي سرواڻ مشهورميمڻ ۽ ٻين ميڊيا ڳالهائيندي چيو ته ٻوڏ ۽ برسات کي 8 مهينا گذري چڪا آهن پر ريلوي انتظاميا ۽ ٽرانسپورٽ مافيا جي ڳٺ جوڙ ڪري عوام کي ٽرين جي سستي ۽ محفوظ سفر کان محروم رکي ٽرانسپورٽ مافيا هٿان ڪرائي جي مد ۾ پنهنجي هٿن سان لٽ جاري آهي هن وڌيڪ چيو ته ريلوي جي تعصب پرست انتظاميا پنجاب جي عوام کي وک وک تي ٽرين جو سستو محفوظ سفر مهيا ڪري رهي آهي روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ٽريڪ ڪليئر هجڻ باوجود 8 مهينن کان ٽرينون بند آهن جڏهن ته پنجاب جي عوام کي قلندر جو ميلو گهمائڻ لاءِ اسپيشل ٽرينون هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ساڳيو لاڙڪاڻي دادو ڪوٽڙي ٽريڪ سنڌ جي مسافرن لاءِ ٺيڪ ناهي پر پنجاب جي عوام لاءِ ٺيڪ آهي ريلوي انتظاميا جي اهڙي تعصب پرستي جي مذمت ڪريون ٿا مشهورميمڻ وڌيڪ چيو ته ٽرينن جي بحالي لاءِ سيتا سرڪشهارفورم پاران 47 ڏينهن کان رحماني ريلوي اسٽيشن، پيارو ڳوٺ ريلوي اسٽيشن، قلعجي ريلوي اسٽيشن، دادو ريلوي اسٽيشن، لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن ۽ راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪري رهيا آهيون پر تعصب پرست ريلوي انتظاميا ڄاڻايل ٽريڪ تي ٽيڪنيڪل مسئلا ڄاڻائي ٽرينون هلائڻ لاءِ تيار ناهي جيستائين روهڙي لاڙڪاڻو دادو سيوهڻ جامشورو ڪوٽڙي لائين تي ٽرينون نه هلايون وينديون تيستائين روزانو احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 36

ٺٽو عبدالقادر ڀالاري، ڊي اي او سيڪنڊري سجاول پيارعلي خواجه، پرائمري ڊي اي او ڪريم بخش زنئور، محمد صديق پليجو ڊائريڪٽر ايس ٽي اي ڊي اي مهمان طور خصوصي شرڪت ڪئي، ان کان علاوه ڳوٺ گسنا ۽ پ ٽ الف جي استادن ٽي اي او ڊي اي او سيڪنڊري ۽ پرائمري، بوائز ۽ گرلس هيڊ ماسٽرن ۽ ماستريائين. پ ٽ الف سٽي جو صدر محمد عمر ميمڻ، نجيب سرويچ، لطف الله ميمڻ، امين سروڻ، نثار احمد ميمڻ محمد صديق پليجو، عبدالرحيم قاضي، علي محمد گرماڻي، غلام بخش زنئور سميت شاگردن ۽ شاگردياڻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته آرگنائزر ايس ٽي هاءِ اسڪول سجاول شڪيل احمد پڻ. ايس ٽي سجاول محمود ڪتي ۽ اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر ۽ فوڪل پرسن اسلم خواجه هئا. سيمينار ۾ شاگردن نعتون وايون ۽ تعليم جي موضوع تي ٽيبلو پيش ڪري داد حاصل ڪيو ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته سنڌ جي شعور لاءِ ترقي، جو راهون روشن ڪريو پنهنجن معصوم گلن جهڙن ٻارڙن، خاص طور نياڻين کي پرائمري تعليم سان ڪاليجي ۽ هنري تعليم لاءِ ڪوشش وٺي. پنهنجي ايندڙ نسلن کي دنيا جي معيار جهڙو بڻايو هڪ مرد جو پڙهڻ فقط فرد جو پڙهڻ تعليم يافته بڻجڻ آهي پر هڪ عورت جو تعليم يافته هجڻ پوري خاندان جو تعليم يافته ٿيڻ آهي مرد توڙي عورت پنهنجي تي علم حاصل ڪرڻ فرض آهي تمام والدين کي گهرجي ته ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي پنهنجي ٻارن جو مستقبل روشن ڪن.

فيڊرل ٽيڪس محتسب سيڪريٽيريٽ
5-اي ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو
اسلام آباد

استعمال ٿيل گاڏين جو ڪليل نيلام

فيڊرل ٽيڪس محتسب سيڪريٽيريٽ هيٺ ڄاڻايل استعمال ٿيل گاڏين جو "جيئن آهي جتي آهي" جي بنياد تي هيٺ ڄاڻايل شرط ۽ ضابطن جي مطابق نيلام ڪرڻ چاهي ٿي.

سيريل	گاڏي جو تفصيل	ماڊل	آفيس جو نالو جتي گاڏي بيٺل آهي
1	GP_6488 سوزوڪي ڪلٽس (1000 سي سي)	2001	ايف ٽي او سيڪريٽيريٽ ريجنل آفيس، ڪراچي 8 فلور، (ليفٽ ونگ) نيشنل انشورنس ڪمپني لميٽڊ (NICL) بلڊنگ، عباسي شهيد روڊ، آف شاهراهه فيصل ٽو واردس ڊي ايڇ اي ڪراچي 021_99225057, 021_99225059
2	IDK_9561 سوزوڪي ڪيري وين (800 سي سي)	2001	ساڳيو
3	KEL_9380 ياماها موٽر سائيڪل (100 سي سي)	2001	ساڳيو
4	LXZ_412 سوزوڪي ڪلٽس (1000 سي سي)	2001	ايف ٽي او سيڪريٽيريٽ ريجنل آفيس، 186_اي، اسڪاچ ڪارنر، اپر مال، لاهور (فون: 042_99204140)
5	LXY_237 ياماها موٽر سائيڪل (100 سي سي)	2001	ساڳيو

1شرط ۽ ضابطا:

1. آڇ ڏيندڙ لازمي طور تي پنهنجي اصل قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي گڏ آڻين ۽ نيلام واري ڏينهن مڪمل ايڊريس/ ٽيليفون نمبر ۽ قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي اٽيسٽ ٿيل ڪاپي فراهم ڪن.
2. ڪامياب آڇ ڏيندڙ لازمي طور تي آڇ جي 10 سيڪڙو جي سوٽي رقم ڪيش ۾ موقعي تي جمع ڪرائي ۽ رهيل رقم نيلام جي 07 ڏينهن جي اندر جمع ڪرائي. ڊفالٽ جي صورت ۾ سوٽي رقم ضبط ڪئي ويندي.
3. آئوٽ اسٽينڊنگ ٽوڪن ٽيڪس جي ادائيگي ڪامياب آڇ ڏيندڙ جي ذميواري هوندي.
4. آڇ عمل ۾ حصو وٺندڙ آڇ ڏيندڙ هرهڪ گاڏي جي لاءِ 20000 رپين ۽ هرهڪ موٽر سائيڪل جي لاءِ 5000 رپين جي قابل واپسي بڊ سيڪيورٽي ڊي ڊي او، ايف ٽي او سيڪريٽيريٽ ريجنل آفيس ڪراچي ۽ لاهور جي نالي ۾ ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ جمع ڪرائين.
5. مالڪي جي دستاويزن جي ٽرانسفر ڪامياب آڇ ڏيندڙ جي ذميواري هوندي.
6. گاڏين جا دستاويز مڪمل ادائيگي کان پوءِ فراهم ڪيا ويندا.
7. آڇ رقم تي وٿ هولڊنگ ٽيڪس (فائلرز کان 10 سيڪڙو ۽ نان فائلرز کان 15 سيڪڙو) طئي ٿيل رولز جي مطابق چارج ڪيو ويندو.
8. ڪامياب آڇ ڏيندڙ گاڏي وٺڻ کان اڳ چيسز/انجڻ نمبر ۽ دستاويز وغيره چيڪ ڪن. هي آفيس بعد ۾ ڪنهن به شڪايت جي ذميوار نه هوندي.
9. گاڏي جو قبضو ڪامياب آڇ ڏيندڙن کي لاڳاپيل اي ٽي او کان هن جي نالي تي گاڏي جي ٽرانسفر کان پوءِ ڏنو ويندو.
10. نيلام ڪميٽي/مجاز اختياري پي پي آر اي رولز، 2004 جي رول 33 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
11. ريجنل آفيس، لاهور ۽ ڪراچي ڏي موڪل آڇون/آفرز ايڊوائيزر انچارج، ريجنل آفيس لاهور ۽ ڪراچي ۾ 28_03_2023 تي صبح جو 10:30 وڳي تائين پهچڻ گهرجن جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح جو 11:00 وڳي کوليون وينديون.
12. گاڏيون ايف ٽي او سيڪريٽيريٽ، ريجنل آفيس، لاهور ۽ ڪراچي جي حدن ۾ پارڪ ٿيل آهن ۽ آفيس وقت دوران ڏسي سگهجن ٿيون.

(محمد فرحان خان)
ڊائريڪٽر (ايڊمنسٽريشن)
فون. 9217767

PID (I)No.5632/22

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز

Tel: Off: 0242-920066, Fax: 0242-920066
Email : xentubewells.nf@yahoo.com
No. SKP/TWD/NF/292 N.Feroze Dated: 10-03-2023

آڇن/ٽينڊرز گهرائڻ جو نوٽيس

ٺيڪيدارن/فرمن جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل مان لاڳاپيل فيلڊ ۽ موزون ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ هجن کان ايس پي پي آر اي رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي مطابق هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ سنگل اسٽيج ٽو انويلپ آڇ عمل هيٺ مهربند ٽينڊرز گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (ملين)	سوٽي رقم 5٪	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو	ڪيٽيگري
1	بودلو ٻهڻ، ڪوروچو ملاح ڪچو پڪو الياس پيرجي بحالي ۽ سولر سسٽم 7 عدد پمپنگ اسٽيشن (ADP .1405/2022_23)	46.725	2.336	5000	جون 2024	C_5 ۽ مٿي

وصول ڪرڻ جي تاريخ ۽ وقت (پهريون دفعو).

1. مٿي ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ خالي ٽينڊر فارم/آڇ دستاويز هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع اسڪارپ/واپڊا ڪالوني نوشهروفيروز مان اخبارن ۾ اشاعت جي تاريخ کان 05.04.2023 تي شام جو 5:00 وڳي تائين ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي لکت ۾ درخواست جمع ڪرڻ ۽ طئي ٿيل ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزلس تي ٻڌل ٽينڊر الڳ مهربند لفافن ۾ جن تي واضح طور تي "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" لکيل هجي اهي 06.04.2023 تي صبح جو 10:00 وڳي جاري ڪندڙ آفيس ۾ واپس ورتا ويندا. حصو وٺندڙ فرمن جا ٽيڪنيڪل پروپوزل ساڳئي ڏينهن تي صبح جو 11:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران حصو وٺندڙ ٺيڪيدار/فرمن يا انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
3. ٽيڪنيڪل پروپوزل فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت جي لاءِ جاچيا ويندا ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جي فنانشل آڇون/پروپوزلس کوليا ويندا ۽ تاريخ ۽ وقت سڀني قابل ٺيڪيدارن فرمن کي ايڊوانس ۾ آگاهه ڪيو ويندو ٽيڪنيڪل ڪواليفائيڊ نه ڪري سگهندڙ ٺيڪيدارن جون فنانشل آڇون/پروپوزل بنا کولڻ واپس ڪيون وينديون.
4. ٽينڊرز آڇون ڏيندڙن پاران ڏيان سان ۽ صفائي سان ۽ دستخط ٿيل ۽ اسٽيمپ لڳل هجي. هرهڪ آڇ لازمي طور تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾ بڊ سيڪيورٽي سان گڏ شامل هجي. 5 سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ جمع ٿيڻ گهرجي، نامڪمل ٽينڊر، اوور رائيٽنگ يا شرطيا ٽينڊر شامل نه ويندا. ڪوريئر سروس جي ذريعي آڇ ۾ درخواست ڏيڻ جي صورت ۾، اصل پي آرڊر ۽ بڊ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ شامل ڪئي وڃي.
5. خواهشمند آڇ ڏيندڙ ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ "www.pprasindh.gov.pk" تان پڻ دستاويز ڊائونلوڊ ڪري سگهن ٿا. آڇ ڏيندڙن کي صلاح ڏجي ٿي ته اهي آڇ دستاويز جمع ڪرڻ کان اڳ سائيٽ جو معائنو ڪن.
6. فنانشل آڇون ٽيڪنيڪل آڇ جي چنڊڇاڻ کان پوءِ کوليون وينديون.

کولڻ جي تاريخ ۽ وقت (ٻيو دفعو).

ٽينڊرن کي موٽ نه ملڻ يا ٻئي ڪنهن سبب جي صورت ۾ ٻئي دفعي جي تاريخ 22.04.2023 تي منجهند جو 1.00 وڳي ساڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي سامهون ساڳي ايڊريس تي هوندي.

7. ايس بي ڊي ۾ ڄاڻايل آڇ ڏيندڙن جي لاءِ هدايتون، آڇن جي تاريخ، ڪانٽريڪٽ جا شرط، ڪانٽريڪٽ جي تاريخ لاڳو آهن.

اهليت:

- i. ڪٿيل لاڳت جي 5 سيڪڙو جي بڊ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ/بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾ ٽيڪنيڪل آڇ سان شامل هجڻ گهرجي.
- ii. آڇ ڏيندڙ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان سال 2022_23 جي لاءِ موثر ڪيٽيگري (C_5 يا مٿي) ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE_04, CE_09, (CE_10, ME_05 & ME_07, EE_04, EE_05, EE_11) ۾ رجسٽرڊ هجن.
- iii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ) سان ايف بي آر سان ايڪٽو اسٽيٽس
- iv. سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
- v. اصل حلف نامو ته فرم ڪنهن به پروڪيورمينٽ ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ناهي.
- vi. اصل حلف نامو ته ڏنل ڄاڻ/دستاويز بلڪل سچا ۽ درست آهن.

قابليت جا معيار:

- a. ساڳي ٽن سالن جي ساڳي نوعيت جي مڪمل ڪيل ڪمن جي فهرست دستاويزي ثبوت ۽ اطمينان جوڳي پڄاڻي جي سرٽيفڪيٽ سميت
- b. ڪمن جي تڪميل جي لاءِ موجود مشينري ۽ اڪيوپمينٽ جو تفصيل دستاويزي ثبوتن سميت.
- c. ٽيڪنيڪل فردن ۽ ڪي سائيٽ مينيجمينٽ اسٽاف جي قابليت ۽ تجربو
- d. بينڪ اسٽيٽمينٽ سان ڪٿيل لاڳت جي برابر جي ٽرن اوور جي مالي حيثيت.
- e. ساڳي نوعيت جي هلندڙ ڪمن جي فهرست (ورڪ آرڊرس جي ڪاپي گهربل)

شرط ۽ ضابطا:

هيٺين صورتن ۾ آڇون رد ڪيون وينديون.

- شرطيا ٽينڊر
- جمع ڪرڻ/کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي خراب حالتن يا سرڪار پاران عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾، ٽينڊر ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهه تي جمع ڪيا/کوليا ويندا.
- گهربل رقم جي بڊ سيڪيورٽي ۽ فارم کان سواءِ آيل آڇون
- مقرر تاريخ ۽ وقت کان پوءِ پهتل آڇون
- غلط/گمراهه ڪندڙ ڄاڻ فراهم ڪندڙ آڇ ڏيندڙ کي نااهل ڪيو ويندو ۽ قانوني قدم کنيو ويندو. پروڪيورنگ ايجنسي ان کي ڪلاز 11.3.4 (ترميم ٿيل 2019) جي روشني ۾ رد ڪري ڇڏيندي.
- بليڪ لسٽ ٿيل فرم
- فرم/ڪانٽريڪٽر جي نمائندي جي موجودگيءَ جي صورت ۾، فرم جي مالڪ پاران اسٽيمپ پيپر تي دستخط ٿيل اصل اٿارٽي ليٽر گهربل هوندو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ٽيوب ويل ڊويزن نوشهروفيروز

INF/KRY No: 952/23

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ

آفيس آف دي
ڊي آءِ جي پي/ڪمانڊنٽ آر آر ايف، سنڌ، ڪراچي

No. DIGP/RRF/GB/2013 Dated:07-Mar-2023
difprrf@gmail.com Phone: 021-99333728/Fax:021-99333730

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

سيريل	ڪم جو اسڪوپ	ڪٿيل اگهه (لڳ ڀڳ)	سوٽي رقم	ٽينڊر في	ڪم جي تڪميل جو
1	RRF الفلاح ۾ 02 عدد بيچلز بيرڪس، ڪوٽ، ڪچن ۽ اسٽور جي مرمت ۽ نواڻ جو ڪم	8.00 ملين	2.5 سيڪڙو	2000 رپيا	45 ڏينهن

شرط ۽ ضابطا:

1. ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽنگ فرم (ايف بي آر) انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ۽ سنڌ روينيو بورڊ سان رجسٽرڊ هجي (اين ٽي اين ۽ ايس ٽي اين رجسٽريشن سرٽيفڪيٽس گهربل آهن)
2. ڪانٽريڪٽرز/ڪانٽريڪٽنگ فرمن کي صلاح ڏجي ٿي ته اهي اڳهه يونٽ/جاب/في ايس ايف ٽي/آر ايف ٽي/ بنيادن تي ڪوٽ ڪن
3. ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي مجاز اٿارٽي جي هيڊ ڪوارٽر مان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾، يا سرڪار پاران عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾، ٽينڊر ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول ۽ جڳهه تي واپس ورتا ۽ کوليا ويندا
4. ادائيگي هرهڪ آئٽم/ڪم جي تڪميل تي ماپ ۽ ترجيح/شيڊيول "بي" جي مطابق تصديق تي جاب، يونٽ بنيادن تي ڪمن جي لاءِ ڪئي ويندي
5. ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽنگ فرم کي ذاتي/مشينري، مالي/پوزيشن وغيره جي ڏس ۾ تجربي جي صلاحيت جو ثبوت ڏيکارڻ گهرجي. (فرم جو پروفائل)
6. سرڪاري کاتي يا ايجنسي پاران بليڪ لسٽ ٿيل ڪنهن به ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽنگ فرم کي ٽينڊر/آڇ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت نه هوندي (حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽنگ فرم کي حلف نامو جمع ڪرائڻ گهرجي ته اهي ڪنهن به سرڪاري کاتي پاران بليڪ لسٽ ٿيل نه آهن).
7. ڪانٽريڪٽر کي گهرجي ته اهي قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي فراهم ڪن ۽ ڪانٽريڪٽنگ فرم کي گهرجي ته اهي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ فراهم ڪن.
8. آڇ/آفر ٽينڊر جي کولڻ جي تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن تائين موثر رهندي.
9. مجاز اٿارٽي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) ۽ ٽينڊر دستاويزن ۾ شامل شرطن جي مطابق ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

نوٽ: هي اين آءِ ٽي ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.pprasindh.gov.pk ۽ سنڌ پوليس ويب سائيٽ www.sindhpolice.gov.pk تي پڻ ڏسي سگهجي ٿي.

چاڻ ۽ طريقيڪار

1. ڪم جي اسڪوپ ۽ لاڳاپيل تفصيلن سان وضاحتن تي ٻڌل آڇ دستاويزن جو مڪمل سيٽ خواهشمند ڪانٽريڪٽر/ڪانٽريڪٽنگ فرم پاران آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تائين ڪم واري وقت دوران ڊي آءِ جي پي/ڪمانڊنٽ آر آر ايف سنڌ ڪراچي جي آفيس ويجهو بول نيوز چينل ڪورنگي ڪريڪ، ڪراچي مان ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ادائيگي تي حاصل ڪري سگهجي ٿو پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار سنگل اسٽيج ون انويلپ هوندو.
2. ٽينڊرز/آڇون (مهربند ٿيل اڇيل آڇ جي 2.5 سيڪڙو جي سوٽي رقم سان گڏ) ڊي آءِ جي پي آر ايف ايف سنڌ ڪراچي جي آفيس (مٿي ڏنل ايڊريس تي) ۾ رکيل ٽينڊر باڪس ۾ آخري تاريخ 27/03/2023 تي صبح جو 11:00 وڳي تائين وڃهڻ گهرجن. آڇون ڊپارٽمينٽ جي پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ساڳئي ڏينهن 27/03/2023 تي منجهند جو 12:00 وڳي حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/ڪانٽريڪٽر فرمز جي بااختيار نمائندن جي روبرو کوليون وينديون.
3. هن ٽينڊر/آڇ بابت ڪي به معلومات يا ڪم جي تفصيل يا ڪنهن به وڌيڪ وضاحت جي لاءِ ڊي آءِ جي پي/ڪمانڊنٽ آر ايف سنڌ ڪراچي جي آفيس مان ٽينڊر کولڻ کان اڳ آفيس وقت دوران حاصل ڪري سگهجي ٿي.
4. ڪانٽريڪٽرز/ڪانٽريڪٽنگ فرمز کي صلاح ڏجي ٿي ته ڪم جي اسڪوپ ۽ ڪوالٽي/تعداد کي مڪمل سمجهن. اهي هن ٽينڊر جي ڪم هلڻ دوران يا اڳ ڪم ايندڙ واڌو شين بجلي، پاڻي يا ٻئي ڪنهن آئٽم جي موجودگي، جائزو وٺڻ جي لاءِ سائيٽ جو معائنو ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته پوليس ڊپارٽمينٽ اهڙين شين جو خرچ برداشت ڪندي ۽ نئي وقت ۽ واڌارو ڏنو ويندو
5. ڪم مجاز اٿارٽي جي منظوري ۽ فنڊن جي موجودگيءَ کان پوءِ شروع ڪيو ويندو.

INF/KRY No: 928/23

(محمد علي وساڻ) پي ايس پي،
اي ڊي آءِ جي پي/آر آر ايف
فار ڊي آءِ جي پي/ڪمانڊنٽ آر آر ايف، سنڌ ڪراچي
(چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي)

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ